# متان ٿڪا آهيو



ڊاڪٽر قادر مگسي

سورٺ پبليڪيشن حيدرآباد

# مٽان ٿڪا آهيو

(تقريرون)

ڊاڪٽر قادر مگسي

سورٺ پبليڪيشن- حيدرآباد

ڪتاب جو نالو ـ متان ٿڪا آهيو
تقريرون ـ ڊاڪٽر قادر مگسي
مرتب ـ حيدر ملاح ۽ امتياز سمون
ڇپائيندڙ ـ سورٺ پبليڪيشن حيدرآباد
تعداد ـ پنج هزار
قيمت ـ 50 روپيا
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

ٻٽي مڪاني نظام جي خلاف
سياسي ويڙهه وڙهندي شهيد
ٿيندڙ سنڌ جي سورهيه پٽن
**شهيد دلشاد ابڙو**
**شهيد مالڪ نوحاڻي**
**شهيد شهادت جروار**
**شهيد علي رضا خاصخيلي**
جي نالي

# فهرست


### اسان کي باوقار ۽ زرخيز ذهن جي ضرورت آهي

(سنڌ ڪائونسل جي اجلاس کي افتتاحي خطاب 15 ڊسمبر 2013ع)

[9]

### ايس ٽي پي سنڌ ۾ هڪ باغي ڪردار آهي

(هي تقرير 15 ڊسمبر 2013 ترقي پسند هائوس حيدرآباد سنڌ ترقي پسند پارٽي جي

مشاورتي اجلاس سنڌ ڪائونسل ۾ افتتاحي تقرير ڪئي وئي)

[26]

### ايس ٽي پي لطيف جي فڪر جي وارث آهي

(بحون ۾ ڪيل جشن لطيف کي صدارتي خطاب، 14 ڊسمبر 2013ع)

[38]

### شهيدن جي رت سان وهنتل ڄامشورو

(صحافي پارلر سنڌ يونيورسٽي ۾ 3 نومبر 2013 تي منعقد ڪرايل

جشن لطيف جي جلسي کي صدارتي خطاب)

[46]

# پـہاڪر

سنڌ جي قومپرست سياست پنهنجي جوهر ۾ هميشہ ترقي پسند، وطن ۽ عوام دوست رهي آهي. مذهبي جنونيت، تنظيمي شائونزم کان مٿيري رهي هميشہ سنڌ جي بقا لاءِ ڪم ڪندڙ سنڌ جا قومي ڪارڪن جيلن جي بند کولين کان وٺي ڦٽڪن ۽ هاڻي ڦٽڪيل لاشن تائين انمول پٽن جون قربانيون هن قومپرست تحريڪ جو حصو رهيون آهن. پر سنڌ اڄ صديءَ کان وٺي هن ملڪ جي سفر ۾ انتهائي ڪمزور حيثيت ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جتي هاڻي، اقليت ۾ تبديل ٿيڻ سان گڏ سنڌي ٻولي ۽ ثقافت ختم ٿيڻ جا خطرا وڌي رهيا آهن.

بدقسمتي سان سنڌ جي اندر هاڻي فڪري بحث رڳو فائيو اسٽار هوٽلن جي ٿڌن هالن ۾ مخصوص ماڻهن تائين محدود ٿي ويا آهيون. جنهنڪري سياسي پارٽين اندر موجود ڪارڪن ان فڪري اڃ اجهائڻ لاءِ هميشہ آتو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڪيس پنهنجي اردگرد ڪٿي بہ علمي ۽ فڪري ماحول فراهم نہ پيو ٿئي. سنڌ ۾ اخباري ڪالم لکندڙ ليکڪن جو تہ ڪو ڪال ئي ناهي پر انهن دوستن جي اڪثريت عملي طور قومي تحريڪ سان لاڳاپو نہ هجڻ ڪري غيرضروري تجزيا ۽ تجربا بيان ڪندي رهي ٿي. جنهن سبب بہ سنڌ اندر فڪري مانڌاڻ مچيل آهي. هر ماڻهو سنڌ جو طبيب ٿيڻ جي ڪوشش ۾ آهي ۽ پوءِ" نيم حڪيم خطري جان" واري صورتحال جڙي آئي آهي. جنهن ڪري سنڌ وڃي پئي وڏيڪ سورن جي ڏہڻ ۾ ڏڪجندي

سنڌ اندر نئون فڪري بحث پيدا ڪرڻ لاءِ اسان هڪ ننڍڙي ڪوشش ڪئي آهي. جنهن لاءِ دراصل اوهان جي هٿن ۾ موجود هي چند صفحا سنجيدگي جي گهر ڪن ٿا. ڇاڪاڻ جو هن ۾ موجود مواد قومپرست سياست جي ناڪامين ۽ ڪاميابين تي جناب ڊاڪٽر قادر مگسي صاحب انتهائي مدبرانا نہ صرف گفتگو ڪئي آهي پر گڏوگڏ سنڌ ۾ ماضي توڙي حال ۾ ٿيندڙ جدوجهدن جي مختلف لاڙن ۽ حڪمت عملين، سببن ۽ حالتن جو انتهائي بي رحمانہ تجزيو ڪيو آهي. سندس ڪيل هي تقريرون انهن ڏينهن جون آهن جڏهن پارلياماني سياست ۾ قومپرست سياست کي ڪاميابي نہ ملڻ سان گڏ سنڌ اندر هٿياربند جدوجهد جي نالي ۾ ملندڙ سنڌ جي انمول پٽن جي لاشن واري زرد موسم آهي.

سرخ موسم جي تشبيح هميشہ انقلاب جي لاءِ ڪتب ايندي آهي انڪري مان هن سياسي موسم کي زرد موسم جو سال چئي رهيو آهيان. ڇاڪاڻ جو سنڌ جي حصي ۾ مجموعي طور فقط هاٿي لاش ۽ ڪمزوريون اچي رهيون آهن. ڀڳت سنگھ جيل مان نوجوانن ڏانهن لکيل خط ۾ هي جملو ڪيڏي نہ سوچ ويچار ڪان پوءِ لکيو هوندو تہ "انقلاب آڻڻ لاءِ ضروري آهي تہ اوهان زنده هجو" سو جڏهن ڪي موت جا سوداگر شهيدن جي مينارن کي جوڙي عالمي مارڪيٽ ۾ وڪري لاءِ پيش ڪري رهيا هجن تہ سنڌ جي هڪ ذميوار قومي اڳواڻ جي حيثيت ۾ ڊاڪٽر قادر مگسي صاحب تي تاريخ هي فرض عائد ڪري ٿي تہ هو سنڌ جي نوجوانن کي عالمي ۽ ملڪي حالتن توڙي انقلابن جي تاريخن کان آگاهي ڏئي ۽ سنڌن ڪردار کي سنڌ لاءِ ڪارآمد بنائڻ لاءِ پنهنجو علم ۽ تجربو ساڻن گڏ ٻيهاري جيئن سنڌ ڪا سورن مان ساهي پٽي عزت آجپي ۽ خوشحالي جي اعليٰ مقام تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿئي.

سنڌ ترقي پسند پارٽي جيئن تہ پنهنجي جوهر ۾ ترقي پسند، قومپرست ۽ روشن خيال جماعت آهي ان لاءِ هن هميشہ پنهنجي جدوجهد کي سنڌ ۽ سنڌي عوام سان ڳنڍيل رکيو آهي. چار سؤ سالن جي جديد جاگيردارنہ نظام توڙي نسلي سياست ۽ غلامي جي هر روپ ۽ هر قسم جي خلاف ايس ٽي پي اڳئين محاذن تي موجود رهي آهي. جنهن ڪري سماج ۾ ڪيس ميجتا بہ مليل آهي تہ سنڌ دشمنن طرفان الزامن جون سينگاريون بہ ٿيون آهن. ان باوجود بہ ايس ٽي پي پنهنجي مادر وطن کي بچائڻ لاءِ سرگرم رهندي پئي آئي آهي. نجي جيلن جي ٽوڙڻ واري تاريخي جدوجهد کان وٺي ٻٽي مڪاني نظام جي خاتمي واري ڪامياب جدوجهد تائين ايس ٽي پي جي حصي ۾ لازوال قربانيون ۽ حاصلاتون اچن ٿيون.

جناب ڊاڪٽر قادر مگسي صاحب جون تقريرون جيڪي اوهان پڙهڻ وڃو پيا سي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ٻنون (سجاول) ۾ جشن لطيف ۽ پارٽي جي مشاورتي اجلاسن سنڌ ڪائونسل ۾ ڪيل آهن.

هن اميد سان موڪليون ٿا تہ اوهان هنن صفحن کي پڙهڻ کان پوءِ سنڌ جي قومپرست سياست جي حڪمت عملين تي ٻيهر سوچڻ شروع ڪندؤ جيئن اسان پنهنجي منزل تي پهچڻ جي اهل ٿيون. ايندڙ پيري وري ڪنهن نئين فڪري بحث سان گڏ هونداسين.

سنڌ سلامت ساٿ سلامت

حيدر ملاح

سيڪريٽري جنرل

سنڌ ترقي پسند پارٽي

03453536534

haidermallah@gmail.com

ترقي پسند هائوس حيدرآباد

02-03-2014

# اسان کي باوقار ۽ زرخيز ذهنن جي ضرورت آهي

(سنڌ ڪائونسل جي اجلاس کي افتتاحي خطاب 15 ڊسمبر 2013ع)

سنڌ ڪائونسل جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيندڙ سمورا ساٿي دوستو پارٽي جا اڳواڻ ساٿيو!

جيئي سنڌ!

هن وقت سنڌ هڪ سياسي تجربي گاهه مان گذري رهي آهي گذريل سٺ سالن کان مسلسل تجربا ٿيندا پيا اچن آئون تہ چوندس هنن سٺ سالن جي تجربن ۾ ڪو ماهر سائنسدان هجي ها تہ اهو انهن تجربن ۽ مشاهدن سان سنڌ لاءِ هڪ اهڙي شيءِ ايجاد ڪري وٺي ها جيڪا سنڌ جي خوشحالي جو سبب بڻجي ها ۽ اسان سڄي دنيا ۾ امن برابري ۽ لطيف جي فڪر کي عملي شڪل ڏيڻ ۾ ڪامياب بڻجي وڃون ها. پر بدقسمتي سان گذريل 65 سالن جي تجربي جي آڌار تي اسان بحثيت هڪ قوم جي وڃائيندڙ رهيا آهيون. انهن تجربن جي دوران انهن ليباٽرين مان ڪن وڏا نالا ڪمايا آهن يا ڪي وري پنهنجو قد ڪاٺ ۽ پنهنجو ذاتي ملڪيتون ٺاهي ويا آهن. پر بحثيت قوم جي اسان انتهائي پوئتي ويا آهيون. ايتري قدر جو اسان تي طنزون چٿرون ڪيون وڃن ٿيون تہ "هان سنڌي لوگ ايسي هوتي هين" ايتري قدر جو سنڌ خلاف ٿيندڙ فيصلن تي جڏهن احتجاج ٿئي ٿو تہ بہ اسلام آباد ۾ ويٺل حڪمران چوي ٿو تہ بہ ٿي ڏينهن اهي ريليون

جلسا ڪري چپ ٿي ويندا. مطلب تہ اسان احتجاج جو اثر بہ وڃائي ويٺا آهيون. سنڌي ڪي بيواهہ مسڪين، بي وس ماڻهن جو وطن بنايو ويو آهي. جنهن سبب اسان پنهنجي باوقار لازوال تهذيب ۽ تمدن هوندي بہ اسان پنهنجي وطن ۾ بي وسي واري زندگي گذاري رهيا آهيون. جيڪڏهن ڪو ماڻهو سمجهي ٿو تہ مون وٽ دولت زمين ملڪيت وغيرہ سڀ ڪجهہ آهي آئون غلامي واري زندگي ڪونہ ٿو گذاريان، منهنجي لاءِ ڪو مسئلو ناهي. اها ان جي ڀُل آهي. جيڪي باضمير ماڻهو هوندا آهن جن کي پنهنجي ڌرتي يا هن ڌرتي جي تاريخ، شهيدن جي رت تي فخر آهي، اُهي انهن کي پنهنجي ميراث سمجهن ٿا. ۽ ڪين پنهنجي نسلن، ٻولي جي مستقبل جو فڪر آهي. انهن ماڻهن لاءِ هي وقت سخت تڪليف ۽ عذابن جي ڪيفيت وارو آهي، اهي ماڻهو هر وقت انهي فڪر ۾ گُهٽجي ۾ آهن تہ هن سنڌ جو مستقبل جو ڇا ٿيندو.

قومپرست پارٽيون ڪمزور آهن دشمن مضبوط آهي. انهن ڪيفيتن مان نڪرڻ جي لاءِ اسان کي باوقار ۽ زرخيز ذهنن جي ضرورت آهي جن کي ذهنن ۾ اهو نہ هجي تہ اهي ڪنهن سياسي پارٽي ۾ شامل ٿي پنهنجي ڪنهن زمين تان قبضو ڇڏائيندا. نوڪري پلاٽ پرمٽ حاصل ڪندا. پر اهڙن ماڻهن جي ضرورت آهي جيڪي غلامي ۽ آزادي جي فرق کي سمجهندا هجن ۽ هنن جي ذهنن ۾ آزاد باوقار قومن جي شڪل واضع هجي اهي ئي ماڻهو هن قوم کي ذلتن عذابن ۽ غلامي مان ڇوٽڪارو ڏياري سگهن ٿا. بدقسمتي سان سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ وڏا نالا وڏيون قداور شخصيتون نميون آهن پر قومي تحريڪ مظبوط نہ ٿي سگهي آهي. نتيجن اسان روز روز وڃائيندڙ آهيون اسان کان روز روز ڪا نہ ڪا شيءِ کسجي رهي آهي. 1947 ۾ جڏهن پاڪستان ٺهيو تہ اسان جي اها ڪيفيت نہ هئي اسان پنهنجي سموري وسيلن جا مالڪ هئاسين. انگريزن جي غلامي وقت اسان جو ايڏو معاشي استحصال نہ هو اسان تي ٽيڪس مڙهيا ويندا هئا پر ائين

نسلي امتياز جي بنياد تي اسان سان ويساهه گهاتيون نہ ڪيون ويون صرف گورن جي برابر حق حاصل نہ هئا. انگريزن جي غلامي جي باوجود اسان پنهنجي وسيلن زندگي جي سمورن ڪارهنوار جا دائمي حاڪم هئاسين. انگريزن جي دور ۾ جڏهن ڪو ڪليڪٽر يا ڪو آفيسر سنڌ تي مڙهيو ويندو هو تہ ان تي لازم هوندو هو تہ اهو ٽن سالن جي اندر سنڌي سکي نہ تہ ان جو پروموشن نہ ڪيو ويندو هو. مطلب تپيدار مختيارڪار يا ڪليڪٽر جي آفيسن ۾ سنڌي ٻولي سکڻ لازمي هوندي هئي ۽ سنڌي ٻولي دفتري ٻولي هوندي هئي. هي ملڪ جيڪو اسان جي وڏن ٺاهيو آهي ان ۾ جڏهن اسان گهر ٿا ڪريون تہ اسان هڪ قوم آهيون اسان جي ٻولي کي پاڪستان جي قومي ٻولي ۾ شامل ڪيو وڃي ۽ سنڌ ۾ هن کي دفتري ٻولي جو درجو ڏنو وڃي تہ اسان تي غداري جا الزام لڳايا ٿا وڃن. تہ توهان نسل پرستي جون ڳالهيون ٿا ڪريو. جيڪڏهن هندستان ۾ ٻاويهہ کان ٽيويهہ ٻوليون قومي ٻوليون ٿي سگهن ٿيون تہ پاڪستان ۾ صرف هڪ اردو ٻولي جو ٺيڪو ناهي جو ان کي قومي ٻولي بنايو وڃي. اوهان آفيسن ۾ لکو انگريزي سڏايو مسلمان ٿا. ۽ نبي صلي الله عليہ وسلم جي ٻولي عربي آهي تہ پوءِ اردو ڪهڙي ڪاتي ۾ قومي ٻولي ٿي آهي. اسان کي ٻولي سان نفرت ناهي پر اسان چئون ٿا اردو کي توهان ڀلي متي جو تاج ڪري رکو پر ان سان گڏ اسان جو اهو مطالبو آهي تہ سنڌي بلوچي، پختون، سرائيڪي ۽ پنجابي ٻولي کي بہ قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي. جيڪڏهن انهي کي بغاوت ملڪ جي لاءِ سازش سمجهو ٿا تہ ڀلي سمجهو پر اسان پنهنجي بنيادن تان هٽ نہ ڪنداسين. اسان جا وسيلا جن تي پهرين اسان جو حق آهي اڳ ۾ اسان جا ملاح جن کي اميرالبحر سڏيو ويندو هو اهي سڄي خطي ۾ گهمندا هئا مڇي جو شڪار ڪندا هئا هاڻي حالت اها آهي جو بنگالي ۽ قنڌاري پناهہ وٺو آهي سنڌي ملاحن کي سمنڊ ۾ وڃڻ جي اجازت ناهي ڪوسٽ گارڊ نيوي فورس وغيره ٺاهي انهن جي رستاروڪ ڪري اسان جي ساحلي پٽي تي

قبضو ڪيو ويو آهي. جڏهن سنڌ ۾ تيل گئس نہ نڪتو هو تڏهن اسان کي ٻڌايو تہ سنڌ ي ڪوٽ ڏهہ هزار ماڻهو وٺي ٻين هندن تي ويا هجن تہ ادا اسان وٽ ڏڪار آهي اسان کي خيرات ڏيو. سنڌ جي تاريخ شاهد آهي تہ جڏهن سڪندر يوناني سنڌ تي قبضو ڪيو تہ سنڌ ڪپهہ اپائيندي ۽ سڄي دنيا کي ڪپڙو پهرائيندڙ هئي. پر جڏهن ڪوئلو گئس مليو آهي تہ جڏهن سڄي دنيا جون رونقون تبديل ٿي ويون آهن ۽ سڄي دنيا جي معدني وسيلن سان مالامال ٿي آهي تڏهن اها دولت سنڌين جو مقدر تبديل ڪرڻ جي بدران اسان جي ڳچي ۾ غلامي جو طوق وڌيڪ مظبوط ڪري ڇڏيو آهي سڄي دنيا جيس رولاڪن کي سنڌ ۾ آباد ڪيو ويو آهي تہ معدني وسيلا بہ انهن جي قبضن هيٺ اچي ويا آهن. سنڌ جي واپار تي مڪمل طور ڌارين جو قبضو ٿي چڪو آهي ڪڏڙو ٽنبو آدم. شهدادڪوٽ جهڙن ننڍن شهرن جو بہ واپار سنڌين جي هٿ هيٺ ناهي رهيو ڪراچي سکر حيدرآباد ميرپورخاص جي ڳالهہ پري جي آهي. ڇا سمجهجي تہ اسان جا اڳواڻ ۽ هي جيڪي وڏا وڏا فلاسفار هئا يا تہ انتهائي سادا هئا جو دشمن انهن کي مڪاري سان استعمال ڪري ويا. يا تہ اهي داخليت پسندي جا شڪار هئا. داخليت پسندي جڏهن ماڻهو ۾ داخل ٿي ويندي آهي تہ ماڻهو معروضي حالتن کي سمجهڻ کان قاصر هوندو آهي پوءِ ماڻهو خود پسند ٿي ويندو آهي تہ بس منهنجا نعرا لڳن ماڻهو اڳيان پويان ٿين. زنده باد مرده باد جا نعرا لڳن. پوءِ جيڪو ٿيندو اهو ڏٺو ويندو. گذريل سٺ سالن کان سنڌين سان بس اها تعدي ويدن ٿيندي رهي آهي، اسان پنهنجي سياست ۾ انهن سمورين عقيدت پسندين جي خلاف آهيون اسان سياست مان شخصيت پرستي واري عنصر ختم ڪريون تہ ڪوبہ اڳواڻ ڪارڪن سان پير وڏيري واري طريقي سان نہ هلندو. نہ ئي ان جي ڪنهن ڳالهہ کي حرف آخر سمجهيو ويندو. تہ بس ليڊر چئي ڇڏيو آهي قوم مرڻ مارڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃي چو تہ ليڊر سان ڪهڙو بحث ڪجي يا ان کي منهن تي چئجي تہ غلط

آهي اسان جئي سنڌ تحريڪ ۾ به انهي ڳالهه جي مخالفت ڪئي. ته سياست کي عقيدي مان ڪڍيو. سياست کي تاريخي حقيقتن جي بنياد تي وٺي اچو انسان ڪيڏو به عقلمند هجي عظيم هجي پر ان کان غلطيون ٿي سگهن ٿيون. پيغمبر سڳورن کان جي غلطيون ٿي سگهن ٿيون ته اسان انهن جي جتين جي برابر آهيون. ته پوءِ اسان جي ليڊرن کان غلطيون ڇو نٿيون ٿي سگهن. انڪري ليڊرن تي به تنقيد ڪري سگهجي ٿي. تنقيدي جائزو وٺڻ واري عمل کان ليڊر کي آجو نٿو رکي سگهجي. ڪابه قومي تحريڪ تيستائين مظبوط مستحڪم بنجي نه منزل تي پهچي نٿي سگهي جيستائين ان ۾ تنقيد يا پڇاڻي سزا جزا وارو عمل شامل نه هوندو. بدقسمتي سان اسان وٽ ليڊرن کي ان کان آجو سمجهيو ويندو آهي. ون مين شو آهي ڪابه تنقيد ناهي ڪو مشورو ناهي نتيجي ۾ قومي تحريڪون هڪ فرد جي زنده باد جي نعرن تائين محدود آهن جاگيردار معاشري ۾ ۽ ٽين دنيا ۾ ليڊر جو ڪردار الڳ هوندو آهي ماڻهو ان کي ديوتا وانگر پوڄيندا پيا آهن پر انهن ليڊرن جي اها اخلاقي ذميواري آهي ته هو پنهنجي قوم کي ترقي لاءِ پنهنجي صفن ۾ ڏاهن ماڻهن کي وٺي اچي انهن سان مشورا ڪري پا ڻ کي انهن جي آڏو تنقيد لاءِ پيش ڪن. هن وقت اسان غلامن کان به بدتر غلام آهيون پر احساس ڪونهي. هندستان جي ڪل آباد 35 ڪروڙ هئي پر به لک انگريز انهن 35 ڪروڙ انسان کي غلام ٺاهيو ويٺا هئا. ان ڪري جو انگريزن کي جيڪڏهن ڪوبه سپاهي ڪو ڪامورو پرتي ڪرڻو پوندو هو ته اهي جيڪي هندستاني غدار هئا جيڪي پنهنجي ذاتي مفادن خاطر پنهنجي قوم وطن سان غداري ڪري پنهنجو سمورو عزت وقار انهن آڏو رکي رعايتون ماڻيندا هئا. سڌي غلامي کان ان حد تائين هئي جو ڪابه ڪاري چمڙي واري عورت ان بازار ۾ نٿي وڃي سگهي جتي گوري چمڙي ميڊمون خريداريون ڪنديون هيون. ڪنهن به ڪاري رنگ جو ٻار گورن جي اسڪول ۾ داخلا وٺي نٿي سگهيو جيڪي بسيون گورن جا لاءِ هيون

غلام وطن ۾ ڪيڏو فرق آهي پوءِ اهي انگولا جي گهر گهر ويا ۽ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ شروع ڪيو جڏهن سمورا ماڻهو گڏ ٿيا ته صرف 250 ماڻهو تربيت يافته هئا 20 کان 25 ماڻهو گريجوئيٽ هئا باقي سڄو سماج غلامي ۽ جهالت جي دٻڻ ۾ ڦاٿل هو. انهن جوانن طئه ڪيو ته قوم سان محبت ڪندڙ ڪميٽيد، نه وڪامڻ وارن ماڻهن جي چونڊ ڪري انهن کي گڏ ڪيو ائين انگولا ۾ انقلاب جي تحريڪ دنيا جي لاءِ مثال بڻي. ان وقت جون حالتون ٻيون هيون ان وقت قومون وزن ۽ توازن کي برقرار ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪنديون هيون. دنيا ترقي جي دور ۾ ايتري اڳتي نڪتل ڪانه هئي ايتري جدت ڪانه آئي هئي ان وقت جنگ لاءِ ڪي جديد هٿيار نه هوندا هئا سامراج وٽ وڏ ۾ وڏ ڪا رائيفل هئي ته باغي وٽ هڪ نالي بندوق هوندي هئي هڪ فوجي توازن ٻيو عوام جي راءِ جڏهن ان جي حق ۾ ٿي وئي ته انقلابين جو وزن دشمن طاقتن کان وڌي ويو نتيجي ۾ سامراج کي شڪست نصيب ۾ ايندي هئي. اسان جو حال ڇا آهي اهو اسان جي آڏو آهي، ون يونٽ کان وٺي سنڌي قوم سڄاڳي ۾ آهي ون يونٽ کان هن وقت تائين ڪيترا شاعر دانشور فلاسفر ڏاها پيدا ٿيا آهن پر ڇا ٿيو آهي پنج اٺ سال هلي ڪو پ پ ۾ ويو ڪو مسلم ليگ ۾ ويو ڪنهن پاڳاري جا پير چميا ڪو پنهنجي پروفيشنل زندگي کي ناهڻ ۾ لڳي ويو ۽ سنڌ ۽سنڌ جو بنياد اسان کان وسري ويو. سامراجي قوتون چاهين ٿيون ته سنڌ ۽ سنڌي قوم جي لاءِ سوچيندڙن جي لاءِ اهڙيون حالتون پيدا ڪيون وڃن جو اهي پنهنجي نفسا نفسي ۾ لڳي وڃن انهن کان سنڌ ۽ سنڌين جون حالتون وسري وڃن. يا انهن کي اهڙو ڪرپٽ ناهيو وڃي جو اهي انهي ڪرپشن جي آڙاهه ۾ ڦاسي پنهنجو دين ايمان وڪامڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃن. پر پنهنجي قوم جي لاءِ ڪجهه نه ڪري سگهن. قوم ائين ذلتن ۽ غلامين ۾ ڦاٿل رهي انهڪري اسان جي شعوري ڪوشش آهي ته سنڌ جي لاءِ سوچيندڙ ماڻهن کي گڏ ڪري انهن سان صلاح مشورا ڪيا وڃن جنهن جي لاءِ سنڌ ترقي پسند

پارٽي سنڌ ڪائونسل جو پارٽي ۾ آئيني ادارو جوڙيو آهي جنهن ۾ سنڌ جا ڏاها، دانشور، شاعر، اديب، استاد، انجنيئر، صحافي، سياسي سوچ رکندڙ قوم ۽ وطن جي درد کي سمجهندڙ ماڻهو شامل آهن، جن جي ڏاهپ ۽ مشورن سان سنڌ جي لاءِ راهِ نجات ڳولهڻي آهي.

ايس ٽي پي سنڌ ۾ هڪ باغي ڪردار آهي جيڪا فرسوده مدي خارج قوم وطن دشمن روايتن جي خلاف بغاوت ڪري ان کي ٽوڙيندڙ بہ آهي. اسان جيئي سنڌ تحريڪ مان علحدگي بہ انڪري ڪئي جو ڪافي اهڙا سياسي عمل ۽ فيصلا هئا جيڪي اسان کي نہ وڻيا تہ اسان باغي بنجي الڳ ٿي بيٺاسين. ان وقت قومپرستي ۾ غيرضروري طور مذهب سان ٽڪراءُ ۾ اچي هو ليبر پاڻ کي غير ضرروي طور ملحد ڪري پيش ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا تہ اسان ان خلاف اٿي کڙا ٿياسين تہ مذهب سان قومپرستي جو ڪو بہ ٽڪراءُ ناهي، مذهب هڪ انسان ۽ الله جو رشتو ۽ تعلق آهي ۽ قومپرستي اسان جي وطن جي نجات جو فلسفو آهي. انڪري اسان قومپرستي ۽ مذهب ۾ هڪ رواداري پيدا ڪئي. پر اسان جو بنياد سيڪيولر آهي. اسان جي سياست ۾ مذهب جو ڪردار ناهي اسان جي صفن ۾ مسلمان هندو عيسائي برهمڻ شودر سڀ جا سڀ شامل ٿي بنا مذهبي متڀيد جي لاءِ قوم ۽ وطن جي لاءِ ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. اسان ڪڏهن بہ ڪنهن مذهب جي بنياد تي ٽڪرا جا حامي نہ رهيا آهيون اسان اهڙي ٽڪرا جا سخت مخالف آهيون. اسان قومپرستي ۾ طبقاتي فرق کي واضع ڪيو چو تہ اسان سمجهون ٿا تہ ڪنهن بہ وڏيري جاگيردار کي آزادي يا انقلاب جي ڪهڙي ضرورت آهي اهو تہ اسٽبلشمينٽ جو مهرو بنجي پنهنجا ذاتي مفاد حاصل ڪري عيش عياشي واري زندگي گذاري پيو پر جيڪو هاري مزدور پورهيت پيڙهيل طبقو آهي جيڪو آزادي سان پنهنجو ووٽ جو حق استعمال نٿو ڪري سگهي جيڪو بہ ويلن جي ماني جي لاءِ پريشان آهي جنهن جي زندگي عزت وقار محفوظ ناهي ان کي آزادي انقلاب

جي ضرورت بہ آهي ۽ ان ڪي قدر بہ هوندو تہ غلامي ڇا آهي ۽ آزادي ڇا آهي. انهڪري انهي طبقي ڪي سنڌ جي آزادي ۽ انقلاب واري جدوجهد ۾ ترجيع ڏيڻي پوندي، باقي جيڪڏهن ڪنهن جاگيردار وڏيرو ارب پتي جي اندر ۾ قوم جو درد آهي قوم ۽ آزادي جي تڙپ ان جي اندر ۾ آهي تہ اهو بہ اسان جو ساٿي بنجي سگهي ٿو پر قومي تحريڪ جو اول دستو ۽ اڳواڻي وارو ڪردار محنت ڪش طبقي جو هوندو. اسان انهي فلسفي تحت جئي سنڌ واري سياست ۾ وڏا بحث پيدا ڪيا. جنهن جي نتيجي ۾ اسان کي فتوي ڏئي خارج ڪيو ويو.

تعليمي ادارن جي بچائڻ جو وقت آيو تہ نيوسنڌي اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جو ميجر جنرل سعيد الدين قاضي جيڪو حيدرآباد جو پي ايم ايل او هو جنرل ضياء جو خواب هو تہ پڪي ڪي قاسي ڏئي هن سڄي سنڌ فتح ڪري ڇڏي آهي هاڻي جيڪا ڄامشورو جي سرزمين آهي انهي تي هن جو هيلي ڪاپٽر لهي جنهن جي لاءِ هنن اين ايس ايس او ٿاهي سمورن پنجابي غنڊن جو ڄامشوري ۾ داخلائون ڪرائي قبضو ڪرڻ ٿي چاهيو. ٻي پاسي ڪراچي ۾ سپاو ٺاهي وئي، جڏهن انهن پنهنجو حرڪتون شروع ڪيون تہ ان وقت سنڌي شاگردن جي يونيورسٽين ۾ عزت محفوظ نہ هئي جنهن وقت انهن غنڊن جي مرضي اچي ڪنهن کي بہ مار ڏين اغوا ڪن. ڦرون ڪن پر ڪوبہ انهن کي ڪجهہ ڪرڻ جي لاءِ تيار نہ هو ان وقت جيڪي شاگرد يونيورسٽين ۾ پڙهندا هئا اهي سمورا انهن ڳالهين جا شاهد آهن. تہ اسان ان وقت انهن غنڊن جو مقابلو ڪري ان کي ڄامشوري مان تڙي ڪڍيوسين. ۽ ضياء الحق جو خواب پورو نہ ٿي سگهيو. اها سان جي مزاحمت 1982 کان شروع ٿي اسان 1986 ۾ ڪاميابي ماڻي ورتيسين سمورن غنڊن کي اسان تعليمي ادارن مان تڙي ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين. ڊاڪٽر نواز ۽ منهنجو والد صاحب بہ سال جيل ۾ رهيا. ميجر جنرل سعيدالدين قاضي جو زور هو تہ ڊاڪٽرقادر مگسي سميت سمورا ڇوڪرا

پيش ڪيو نہ تہ اسان هنن کي ڦاسي ڏئي ڇڏينداسين. پر پوءِ بہ اسان آڻ نہ مڃيسين.

ايم ڪيو ايم جي باري ۾ اسان 1986 ۾ واضع چيوسين جيڪا ان وقت پٺاڻن سان جهيڙي ۾ هئي تہ سنڌ ۾ ڪجهہ ماڻهن جو خيال هو تہ اسان پٺاڻن ۽ پنجابين سان نٽا پهچي سگهون پلي ايم ڪيو ايم انهن سان ويڙهہ ڪري اسان کي ايم ڪيو ايم جو ساٿ ڏيڻ گهرجي پر اسان ان وقت بہ ان ڳالهہ جي مخالفت ڪئيسين تہ هي توهان قوم کي بزدل پاڙائي جو درس پيا ڏيو هي دهشتگرد سياڻي پنجابين پٺاڻن کي ڇڏي اسان جي لاءِ مصيبت بنجندا. ۽ وقت ثابت ڪيو آهي اها ايم ڪيو ايم اڄ سنڌ جي وجود لاءِ وڏو خطرو بڻيل آهي. ان وقت وڏا وڏا ناليوارا قومپرست انهن جا حمايتي هئا الطاف حسين کليو کليو چوندو هو تہ سائين جي ايم سيد منهنجو رهنما آهي "سنڌي مهاجر پائي پائي يہ تيسري قوم ڪهان سي آئي" جا نعرا پتين تي لکيا ويا. ان وقت اهي انهن جي ابتدائي سياست جا نعرا هئا. پوءِ اهو وقت آيو جو اهي ايم ڪيو ايم وارا دهشتگرد سنڌين جي لاءِ ڪات ڪماڙا کڻي نڪري آيا سنڌين جي نياڻين جون عزتون لٽيون ويون. ٽوپي پٽڪي اجرڪ وارن جي شهرن ۾ داخلا بند ڪئي وئي ان وقت اسان ان خلاف مزاحمت لاءِ نڪتاسين تہ بہ هزار کان مٿي سنڌ جا نوجوان پنهنجي سرن سان ڪفن ٻڌي نڪري آيا تہ اسان توهان سان انهي جنگ ۾ گڏ آهيون. اسان سان جيڪي ساٿي گڏ آهن انهن انهي مزاحمتي دور ۾ سالن جا سال جيل ڪاٽيا اذيتون برداشت ڪيون پر آڻ بہ مڃي. ان جو سبب اهو آهي جو اسان پنهنجي ڌرتي سان قوم سان رشتو مظبوط ۽ آخري حل تائين وڃڻ وارو آهي. اسان موت قبول ڪري سگهون ٿا پر ڪنهن جابر وڏيري جاگيردار آڏو آڻ نٿا مڃي سگهون ڇو تہ اسان پنهنجي سوچن خيالن ۽ شعور ۾ ايڏا واضع ۽ چٽا آهيون جو اسان کي ڪوبہ جهڪائي نٿو سگهي. ويجهي ماضي جي تاريخ آهي جنرل مشرف ملڪ تي قبضو ڪيو تہ سمورا ليڊر ان جي

تعريفن ۾ نہ پئي ڍاپيا ان جون آجيان ڪري رهيا هئا ان وقت ايس ٽي پي ۽ ان جي قيادت واحد هئي جنهن پهرين ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪري چيو تہ جنرل مشرف غير آئيني طور ملڪ تي قبضو ڪيو آهي هي آمر آهي اسان هن کي جنرل ضياء ۽ ايوب وانگر سمجهون ٿا ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ اقتدار تان هٽائي شرافت سان نہ ويندو. ملڪ تباهي بربادي جي ور چڙهندو. گهرو ويڙهہ سميت معاشي بحران جنم وٺندا. جڏهن شهيد مرتضيٰ ڀٽو کي قتل ڪيو ويو تہ سموري سنڌ سڪتي ۾ هئي ان جي پارٽي جا ماڻهو ڪجهہ ڪچڻ لاءِ تيار نہ هئا پر ڊاڪٽر قادر مگسي ۽ ان جي ساٿين ان ڏينهن پريس ڪانفرنس ڪري چيو تہ شهيد مرتضيٰ ڀٽو جو قتل سياسي قتل آهي هن کي هڪ سازش تحت قتل ڪيو ويو آهي. شهيد محترمہ بينظير ڀٽو قتل ٿي تہ مون ان وقت آن رڪارڊ ٽي وي تي چيو تہ شهيد بينظير جو قتل سنڌ جي نياڻي جو قتل آهي سموري سنڌ روڄن تي نڪري اچي ۽ وڌ کان وڌ پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائي. اسان اهي فرد آهيون جيڪي ڪڏهن پنهنجي وطن ۽ ان جي دائمي حقن کان ڪڏهن بہ غافل نہ ٿيا آهيون. ايس ٽي پي جي لاءِ اها فخر جي ڳالهہ آهي تہ ويهن سالن جي تاريخ ۾ اسان اهڙي ڪابہ غلطي ناهي ڪئي جنهن سان اسان کي پڇتاءُ پوي. اڄ سنڌ ۾ جيڪو نئو تجربو پيو ٿئي تہ قوم کي غلامين ۽ ذلتن مان ڪيڏي آزادي انقلاب ڏانهن پهچائجي. يا هيرو شپ حاصل ڪرڻ جي چڪر ۾ ٻہ ٽي بم ڦاڙي بہ ٽي ماڻهو ماري سمجهجي تہ اها ئي آزادي جي تحريڪ آهي يا جيڪي اسان ڳڀرو جوان جيڪي پنهنجي اکين ۾ آزاد خواب ڏسي رهيا آهن انهن کي وقت کان اڳ رياست ۽ ايجنسين جي ذريعي مارائي يا انهن جي حوالي ڪري سگهجي اهو هن وقت وڏي کان وڏو سوال آهي. ماڻهو تمام گهڻا بلوچستان جي قومي تحريڪ کان متاثر آهن. اسان جي بحثيت محڪوم قوم جي فرد جي بلوچن جي تحريڪ سان مڪمل هم آهنگي ۽ حمايت آهي پر ڪنهن بہ صورت ۾

گريٽر بلوچستان جي نالي ۾ اها اجازت نہ ڏينداسين تہ اهي اسان جي وطن جي حدن سان چيڙ ڇاڙ ڪن ڳڙهي خيرو شهداد ڪوٽ، ڪير ٿر ڪراچي تي دعوي ڪن تہ اهي اسان جي گريٽر بلوچستان جو حصو آهن. اسان ماضي ۾ جيڪو وڃايو سو وڃايو اهو ملتان واري سنڌ اسان جي موتائي نٿا سگهون تہ گهٽ ۾ گهٽ هاڻي اسان موجوده مادر وطن سنڌ مان هڪ انچ بہ ڪنهن کي ڏيڻ جي لاءِ تيار نہ آهيون. ان جي لاءِ سامهون جيڪو ايندو اسان ان جو مقابلو ڪنداسين پوءِ اهو پلي ڪير بہ هجي.

ايم ڪيو ايم جي ايجنڊا سنڌ کي ٽوڙڻ کان سواءِ ٻي ڪابہ ناهي. اهي بين القوامي طاقتن جا ايجنٽ آهن جيڪي سنڌ کي ذاتي ۽ بين الاقوامي طاقتن جي ذريعي ٽوڙڻ چاهين ٿا پر اسان اهو ڪنهن بہ صورت ۾ ٿيڻ نہ ڏينداسين. انهن دشمن قوتن سان جيڪڏهن ڪو بيهي تہ اهو بہ اسان جو وڏو دشمن آهي. نائن زيرو جا چڪر ڪاٽيندڙ نام نهاد قومپرست ڪنهن بہ صورت ۾ سنڌ سان سچا ناهين انهن جو مقصد صرف ۽ صرف پنهنجي ذات تائين آهي. ايس ٽي پي ۽ ڊاڪٽر قادر مگسي ڪنهن بہ صورت ۾ ان ماڻهو کي ڪنهن بہ صورت ۾ سنڌ جو سچو يا قومپرست تسليم نٿو ڪري جيڪي نائين زيرو جون حاضريون ڀرين ٿا. ان سان گڏوگڏ جيڪو سنڌي ۾ تحريڪ جو رواج هليو آهي تہ توهان کي ڊالر ملندا رهن توهان ٺش ٺش ڪري قوم کي منجهائيندا رهو. ڊالر ۽ پائونڊ جا شوقين ليڊر ڪنهن عالمي سامراج جا غلام ٿي سگهن ٿا پر آزاد سنڌ جا معمار نٿا ٿي سگهن. ايس ٽي پي پنهنجي پوري ذميواري سان سمورين حالتن جو جائزو وٺي سمجهي ٿي تہ سنڌ جي آزادي انقلاب جي لاءِ ڪنهن هٿياربند جنگ مزاحمتي ويڙهہ يا گوريلا جنگ کان پهرين سموري قوم کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري هڪ طاقت هڪ مورچي ۾ آڻي پوءِ ڪا ڪاميابي ماڻي سگهجي ٿي. جڏهن قوم متحد ٿي هڪ پليٽ فارم تي اچي ويندي تڏهن دنيا جي ڪابہ طاقت توهان کي وڌيڪ غلام نٿي رکي سگهي. سنڌي هن وقت ڪنهن سان

ويڙهه ڪري پنجابي سان وڙهي، پٺاڻ سان وڙهي، جاگيردار طبقي سان ويڙهه ڪري يا نسل پرست دهشتگرد ٽولي سان ويڙهه ڪري. اسان کي سيڪاريو ٿو وڃي تہ بس ڪريو ڪجهہ نہ ڪريو نمي وڃو سڀ پاڻ ۾ پيائر آهيون وغيره وغيره مطلب غلامي ۽ ٽين درجي واري شهري واري حيثيت قبول ڪري چپ ڪري ويهي رهون. اسان انهي راءِ جا آهيون تہ سنڌ جي حاڪميت سنڌين جي هٿ ۾ اچڻ گهرجي سنڌ تي سنڌي ٽوپي اجرڪ ۽ پٽڪي وارن جوراج هجي، اهو اختيار سنڌ جي ماڻهو کي آهي جيڪي غيرسنڌي هتي آيا آهن اهي سنڌ ۾ ڪهڙي حثيت سان رهندا انهن کي ڪهڙا حق حاصل هوندا. باقي اسلام آباد جي اسٽبليشمنٽ ٻہ ٽي هزار هٿياربند تيار ڪري سنڌ جي شهرن ۾ ڇڏي پوءِ چوي تہ اسان جي وس ڳالهہ ناهي شهرن تي دهشتگردن جوراج آهي هاڻي اڏ توهان جو اڏ هنن جو فارمولو استعمال ڪريون ٿا. اسان انهن سمورن کي واضع ٿا ڪريون تہ سنڌ تي تجربا بند ڪريون سنڌ جي انچ انچ تي سنڌي قوم جو دائمي حق آهي اهو ان کان ڪوبہ کسي نٿو سگهي، نہ اسلام آباد ۾ ويٺل اسٽبليمشمنٽ نہ وري فاشست نسل پرست دهشتگرد ٽولو. اسان پنهنجي وطن جي حفاظت ڪرڻ ڄاڻون ٿا. حيرانگي اسان جي انهن دانشورن تي آهي جيڪي اخبارن ۾ ويهي ڪالم لکن ٿا تہ سوچڻو پوندو تہ هنن مهاجرن جو آخر ڇا ٿيندو آخر هي ڪيڏانهن ويندا. نادانن کي خبر ناهي ڇو سمجهہ ۾ نٿو اچي اڄ ڏينهن تائين ڪراچي کان وٺي ڪشمور تائين ڪنهن بہ مهاجر کي انڪري ڪنهن سنڌي پڪڙي گولي نہ هنئي آهي تہ تون مهاجر آهين انهي ڪري توکي ماريان ٿو. اسان ڪڏهن عام مهاجر خلاف ڳالهايو ناهي اسان تہ 1947 کان وٺي انهن کي محبتون ڏنيون آهن انهن جي مدد ڪئي اسان جي جدوجهد انهي نسل پرست بين الاقوامي دلال ايم ڪيو ايم جي خلاف آهي جيڪا سنڌ جي دشمن آهي اسان ان جي خلاف ويڙهه ڪئي آهي ۽ ڪندا سين. باقي عام مهاجر تي تہ هاڻي اخلاقي فرض آهي تہ هو سنڌ جي مٽي سان وفا ڪندي

پنهنجو پاڻ کي ان ۾ ضم ڪري ان جي حفاظت لاءِ اسان سان گڏ بيهي وڃي. باقي جيڪڏهن اهو بيانئي ڪندو نسل پرستي ڪري ايم ڪيو ايم جهڙي ايجنٽ تنظيم سان گڏ بيهندو ته پوءِ اسان به پنهنجي ڌرتي پنهنجي قوم جي حفاظت جي لاءِ تيار آهيون ۽ تيار رهنداسين. اسان انتهاپسندي جي سمورين شڪلين جي خلاف آهيون. وقت ڪان اڳ نعرا هڻڻ جي خلاف آهيون. اسان وقت کان اڳ شهيد مظفر ڀٽو، شهيد افضل پنهور جهڙا لافاني، لاثاني ۽ انمول پٽ بين الاقوامي ايجنڊا تحت مارائڻ جي خلاف آهيون اسان پڪو ويساهه آهي ته انهن آزادي جي متوالن سنڌ جي انقلاب جا خواب ڪٽي ويندڙ شهيدن جو رت ڪڏهن به رائيگان نه ويندو. اسان جنيڻ جي جنگ وڙهون پيا اسان نه ڊالر نه پائونڊ جي جنگ پيا وڙهون، انهي جياپي جي جنگ ۾ جيڪڏهن موت ايندو ته اسان باوقار طريقي سان اهو موت قبول ڪنداسين. اسان صرف لاشن جا انبار لڳائي پوءِ چئون ته ڏسو اسان جا هيترا شهيد آهن هيڏي وڏي لسٽ آهي، اسان انساني رت جي بنياد واپاري سياست نه پيا ڪريون. ان ڪري به تي تجربا اسان جي اکين جي آڏو آهن نيلسن منڊيلا جنهن پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ شروعات هٿياربند جدوجهد سان ڪئي جنهن جي لاءِ هن قوم جو پالو نالي سان هڪ هٿياربند تنظيم جوڙي ان جي ذريعي هن پارڪن روڊن رستن تي بم ڌماڪا ڪرايا پر جڏهن گرفتار ٿيو ۽ جيل ويو ته هن کي سوچڻ سمجهڻ ۽ پڙهڻ جو موقعو مليو تڏهن انهي نيسلن منڊيلا چيو ته آفريڪا سيني جي لاءِ آهي صرف نسل پرستي جي بنياد تي انسان جي انسان تي برتري ختم ٿيڻ گهرجي ان نيسلن منڊيلا 27 سال جيل ڪاٽي پنهنجي ڪارن کي حق حاڪميت جو حق وٺي ڏنو. سائين جي ايم سيد ته نيسلن منڊيلا کان به سال وڌيڪ 29 سال جيل ڪاٽيو پر قوم کي ڪو نتيجو نه مليو رسول بخش پليجي صاحب اٺ ڏهه سال جيل ڪاٽيو حيدر بخش جتوئي سڄي زندگي پنهنجي تحريڪ کي ارپي ڇڏي 1974 کان وٺي سمورن پارٽين جي شهيدن، ايم آر

ڏي تحريڪ جي شهيدن سميت هن وقت تائين سنڌ اٺ هزار کان مٿي شهيد اربي چڪي آهي پر تنهن باوجود سنڌ ۽ جي مقدر ۾ ڪا تبديلي ناهي آئي سنڌ ي قوم اڄا تائين غلامي جي بدترين حالتن ۾ قائل آهي. انهي ڪري هڪ سنجيده رٿابندي، سياسي غور و فڪر جي ضرورت آهي. اسان سمورن ماڻهن کي پنهنجي دانش، علم، عقل کي قوم جي روشن مستقبل جي رٿابندي لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي. نيسلن منڊيلا جنهن پنهنجي قربانين ۽ جدوجهد سان ڏکڻ آفريڪا تي ڪارن کي پنهنجا حق وٺي ڏنا پر تنهن باوجود اتي ڪافي ماڻهن جو انگ ان کي پسند نٿو ڪري اتي به مختلف قبيلا هڪبئي سان ويڙهه ۾ آهن اتي اهي انتها پسند به هئا جيڪي نسل پرستي جي ان انتها تي هئا ته ڪنهن به نموني گورن جي نسل کي هميشه لاءِ نيست و نابود ڪري ڇڏجي انهن نيسلن منڊيلا جي ان وڏي جدوجهد ۽ ڪاميابي جي مخالفت ڪئي ته نسلن منڊيلا اسان جا حق گورن کي ڏئي ڇڏيا پر ليڊر کي خبر هوندي آهي ته قوم جي بقاءِ ڇا ۾ آهي انتهاپسندي ڪيتري خطرناڪ هوندي آهي ساڳيو مثال ياسر عرفات جو آهي جنهن کي جڏهن چيو ويو ته بيت المقدس کي ڇڏ ته اسان آزاد فلسطين جو اعلان ٿا ڪريون ته ياسر عرفات هن جهان مان ويو هليو پر فلسطيني اڄان تائين پنهنجي آزادي جو خواب کڻي پنهنجي حال سارو ويڙهه ڪري رهيا آهن. انڊيا سرڪار جڏهن ڪولمبو جي سنهالين سان ڳالهه ٻولهه ڪئي تڏهن تاملن کي چيو ويو ته اچو سياسي ڳالهه ٻولهه ٿئي ٿي توهان ڳالهين ۾ شريڪ ٿيو معاملن جو نئي سر جائزو ٿا وٺون تڏهن تاملن چيو ته اسان کي اهو معاهدو قبول ناهي. نتيجو اهو نڪتو جو تامل ٽائيگر پربڀات ڪر جي مارجڻ سان اها سموري تحريڪ ختم ٿي وئي هاڻي ان جو نالو نشان ڪونهي ٻين تاملن انهن هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا آئون صرف اهو ٿو چوان ته ليڊرن جا فيصلا قومن جي تقدير ناهڻ ۽ بگاڙڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪندا آهن. گاندي جيڪڏهن جرمن جي جنگ ۾ انگريزن جو ساٿ ڏيڻ جو اعلان

پنهنجي آزادي لاءِ وڙهي رهيا آهن. ڪشمير ۾ جيڪي حقيقي آزادي پسند آهن اهي پاڪستان ۽ انڊيا ٻنهي ملڪن جي غلامي کان تنگ آهن اهي پاڻ کي الڳ آزاد رياست ۾ آڻڻ جي لاءِ جدوجهد ۾ آهن.اسان سنڌي چئون ٿا تہ اسان آزادي پسند آهيون جيڪڏهن اسان وٽ بہ ريفرنڊم ڪرايو وڃي تہ ڇا هي وڏيرا جاگيردار سمورا اسلام آباد وارن جي دلالي ڪندي پولنگن تي قبضا ڪري اسان آزادي پسندن جي حق ۾ ووٽ وجهائيندا. قطعي طور ائين ڪونہ ٿيندو اهي سمورا وڏيرا جاگيردار اسان جي مخالفت ۾ ووٽ ڪرائيندا اسان کي ٻہ سيڪڙو بہ ووٽ نہ ملندو انڪري اسان کي ڪي پنهنجي سنڌ کي قبائيلي جهڳڙن مان ڪڍي هر فرد کي قومي شعورڏيڻ جي ضرورت آهي تہ جئين هنن کي غلامي ۽ آزادي ۾ فرق محسوس ٿئي ان کان پوءِ آزاد وطن ۽ قوم جي تشڪيل ٿي سگهي ٿي. ذهني طور غلام قومن جو فرد ڪڏهن بہ آزاد قوم جي تشڪيل ۾ ڪردار ادا نہ ڪري سگهندو. سو انڪري ليڊرن جا فيصلا تاريخ ۾ تمام وڏا اهم فيصلا هوندا آهن. بنگلاديش جڏهن پنهنجو سياسي آزادي جو رخ طئہ ٿو ڪري تہ حسينہ واجد پنهنجي پيءُ شيخ مجيب جي قاتلن فوجين جرنل ڪرنلن کي آمريڪا يورپ مان گرفتار ڪرائي ڦاسي تي ٽنگايو الشمش البدر ٺاهڻ واري جماعت اسلامي جي ملان عبدالقادر کي گرفتار ڪرائي ڦاهي تي چاڙهائي ٿي.آزاد قومون ۽ آزاد قومن جا نمائيندا ان انداز سان سوچيندا آهن. اسان جا پارلياماني ليڊر تہ غلام قومن وارو ذهن رکندڙ آهن اهي غلامي ۽ دلالي وارو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. ان ڪري هاڻي ضرورت انهي ڳالهہ جي آهي تہ سمورا ساڃهہ وند ماڻهو جيڪي قوم کي هن ذلتن مان آزاد ڪرائي باوقار خوشحال قوم بڻائڻ جا خواهشمند آهن اهي اسان جو ساٿ ڏين اسان جي رهنمائي ڪن پنهنجو عقل علم ڏاهپ دانش سان قوم جي ترقي وطن جي آزادي خوشحالي لاءِ پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪري پنهنجو قومي فرض نڀائين.

# ايس ٽي پي سنڌ ۾ هڪ باغي ڪردار آهي

(هي تقرير 15 ڊسمبر 2013 ترقي پسند هائوس حيدرآباد سنڌ ترقي پسند پارٽي جي مشاورتي اجلاس سنڌ ڪائونسل ۾ افتتاحي تقرير ڪئي وئي)

دوستو ساٿيو!
جيئي سنڌ

توهان سمورن دوستن ساٿين جي مهرباني جو توهان اڄ جي اجلاس ۾ تمام دلچسپي سان حصو ورتو ۽ معنيٰ خيز بحث مباحثو ڪيو آهي. مان اڄ به ذهني طور اهوئي 18 يا 19 سالن وارو آهيان. مثال طور ڪو ماڻهو مون کي ورغلائي مون کان پريس بيان ڪيرائي ڪوائين ڪوڙي سچي حمايت وٺي يا ڪو غلط سياسي عمل ڪرائي اهو ناممڪن آهي. مون کي وقتن تي منهنجا ڪافي دوست صلاحون مشورا ڏيندا آهن ته سياسي طور هئين هئين ڪجي ته آئون انهن سان بحث مباحثو ڪري ان صلاح مشوري جو هر رخ کان جائزو وٺندو آهيان ۽ دليلن جي ذريعي نتيجن تي پهچندو آهيان. دوستن ذڪر ڪيو ته اسان اتحاد ۾ اچي سياسي نقصان ڪيو آهي پر آئون چوان ٿو ته اسان ڪابه سياسي غلطي ناهي ڪئي پر اسان درست فيصلو ڪيو هو ڇو ته پنهنجي نظام واري جدوجهد واري وقت اسان وٽ به آپشن هئا ته اسان سنڌ کي بچائڻ کي ترجيح ڏيون يا پارٽي کي هيروشپ قرار ڏيڻ کي ترجيح ڏيون. ان وقت ڪافي دوستن جو خيال هو ته ايس ٽي پي پنهنجي پليٽ فارم تان جدوجهد ڪري ۽ هيرو شپ ماڻي. جڏهن ته اسان پارٽي

پاران قاسم آباد جي چوڪ تي احتجاجي ڪئمپ به هئين. جنهن تي پاڪستان جا تمام وڏا وڏا ليڊر به آيا ۽ اسان انهن جي اخلاقي طور حمايت به حاصل ڪئي ان سڄي جدوجهد ۾ اسان جا ٽي ساٿي شهيد ٿيا. ان جي باوجود اسان کي اهو احساس هو ته جيڪي پارليمينٽ ۾ پارٽيون وينيون آهن جهڙوڪ مسلم ليگ فنڪشنل، مرتضيٰ جتوئي جي پارٽي، مسلم ليگ نواز وغيره جيڪڏهن اسان جي جدوجهد ۾ سهمت نه ٿيندا ته اسيمبلين ۾ حڪمرانن کي شڪست ڏئي نه سگهندا. ان ڪري اسان پارٽي مفادن کي وساري قومي استحڪام جي لاءِ گڏيل جدوجهد جو فيصلو ڪيو. اها ويجهي ماضي جي سنڌين جي حق ۾ پهرين ڪاميابي آئي. ايم آر ڊي کان پوءِ اها پهرين تحريڪ هئي جنهن ۾ سنڌ جي سمورا ماڻهو شاعر اديب قلمڪار، سول سوسائيٽي سياسي پارٽيون، هاري ناري مزدور شاگرد سميت سمورا روڊ تي نڪري آيا ۽ تحريڪ جو حصو بڻيا. ڇا ڪاڻ سيني سمجهيو ته هاڻي وطن جي استحڪام جو سوال آهي هاڻي ڪئين خاموش رهجي. ان ايڏي وڏي پريشر سنڌ جي تاريخ کي نئون رخ ڏنو. هي اسان جي حڪمت عملي هئي ته اسان ساڍا چار مهينا ڪئمپ قائم رکي ۽ آخر فتح ماڻي. هي ايس ٽي پي جي حڪمت عملي هئي ان وقت جيڪڏهن ڪو وزير، منسٽر، ايم پي اي، ايم اين اي ڪٿي ويو ٿي ته اسان جي ڪارڪنن انهن کي بيضا ٽماٽا هڻي انهن کي پڃائي ٿي ڪڍيو. ڪو سرڪاري وزير ايم پي ايم اين اي جهنڊن واري گاڏين ۾ سفر نٿي ڪري سگهيو اهڙي شديد ردعمل سبب پ پ پ سرڪار ان وقت پوري حيدرآباد کي سيل ڪري هڪ ناڪام جلسو ڪيو. اسان جي ناري تحريڪ جي ادين نثار کهوڙو کي بيماري ٽماٽن جو وسڪارو لاهي ڏنو ٽنڊو محمد خان ۾ ترقي پسند ٻالڪ سنگت جي ٻارن قائم علي شاهه کي توا ڏيکاريا مطلب ته سڄي سنڌ جي اندر هڪ زبردست شاندار مزاحمتي روپ ۾ تحريڪ هلي ڇا اها اسان جي وڏي ڪاميابي نه هئي؟ هي هيڏي وڏي ڪاميابي جنهن کي اڄان

ڇهه مهينا ٿيا آهن ان کي اسان وساري ڇڏيون ٿا. اسان تي اليڪشني محاذ تي ناڪامي اثر وجهي ٿي پر سياسي محاذ تي هي جيڪا هيڏي وڏي ڪاميابي اسان حاصل ڪئي ان کي وساري ٿا ويهون ان تي اسان جو ڌيان ئي نه ٿو وڃي. هي نابالغي واري سياسي چاڻ هوندي آهي يا ته اسان لقاءِ کان متاثر هوندا آهيون جنهن جي اثر هيٺ اسان کان اسان جو سياسي حقيقي ڪاميابيون وسري وينديون آهن. پارٽي ڪارڪن ۽ ليڊر لقائن کان متاثر ٿيندڙ نه هجڻ گهرجي. ان کي پنهنجي معروضي حالتن ۾ پورو جائزو وٺڻ گهرجي. انڪري ان دواران اليڪشن بہ اچي وئي ته سيني چيو ته جدوجهد ۾ گڏ وينا هئاسين ته هاڻي اليڪشن ۾ گڏجي سامهون اچون ته جئين پ پ پ کي شڪست اچي ته ان سان سنڌ جي تاريخ نئي سر لکجڻ شروع ٿيندي ان ڪري اسان جي پارٽي اتحاد جي صورت ۾ اليڪشن ۾ آئي، توهان سمورن ڏٺو ته منهنجي سيٽ تي جڏهن ايازلطيف پليجو صاحب تڪرار ڪيو ته مون سيٽ ئي ڇڏي ڏني. ته اسان کي اهو ئي پيغام ڏيڻو هو ته اسان جي سياست جي مجبوري ايم پي اي جي سيٽ ناهي. اسان جو مقصد عظيم مقصد آهي جيڪو هن وطن جي آزادي ۽ استحڪام آهي. ته انهن شين کي پنهنجي ڳالهه ٻولهه ۾ ضرور ذهين نشين ڪرڻ گهرجي. پر اهو آهي ته اليڪشن جي نتيجن سيني کي مايوس ڪري ڇڏيو آهي. ايس ٽي پي اها پارٽي آهي جنهن ۾ مڪمل جمهوريت آهي اسان وٽ ڪو بہ شخص تنقيد کان بالاتر ناهي اسان تنظيم اندر رواداري ۽ تنقيد براءِ اصلاح تي هلندڙ آهيون. اسان جا جيڪي دوست سينٽرل ڪميٽين ۾ رهيا آهن يا آهن انهن کي معلوم آهي ته اسان سمورا دوست ڪلي طرح سان پنهنجو موقف رکڻ ۽ ٻڌڻ ۾ آزاد هوندا آهيون. ڪنهن تي اسان ڪو بہ فيصلو مڙهي نہ ڇڏيندا آهيون. گذريل ويهه سالن کان منهنجو هر طرف کان ٽرائل ڪيو ويو ڪوڙن دانشورن کان ويندي ڪاغذي سول سوسائيٽي تائين نام نهاد ڪوڙن قومپرستن کان ويندي نام نهاد قلمڪار منهنجي خلاف ڀرپور ٽرائل

ڪندا رهيا آهن. آئون جيل ۾ هوس ته ان وقت به جيڪا پارٽي ۾ ويٺل ٻاهر اسان جا دوست هئا انهن مان به ڪجھ مخصوص دوستن پارٽي ۾ منهنجي خلاف ٽرائل ڪري ڪارڪنن ۾ غلط فهميون پيدا ڪرڻ شروع ڪيون جيڪي وقت اچڻ ظاهر ٿي الڳ ٿي بيهي رهيا. پارٽي اندر اهي ڇڏي ويل دوست ذميوار عهدن تي هوندي به انهي ٽرائل جو حصو بڻجندا رهيا پر انهن کي ڪڏهن اخلاقي جرئت نه ٿي منهنجي سامهون سڌو سنئون ٿي بيهن. نظرياتي اختلاف، سياسي اختلاف يا دليل سان ڪا ڳالھ ڪن. تاريخ جي روشني ۾ مون سان ڳالهائين، حڪمت عملين تي مونسان ڳالهائين. پارٽي جي نظرياتي لائين تي مون سان ڳالهائين. انهن پردي جي پويان بيهي بهتان بازيون ڪيون. هن اليڪشن ۾ انهن ماڻهن کي ظاهر ڪري نروار ڪري ڇڏيو جيڪي پارٽي جي اندر ذميوار عهدن تي ويٺل هئا پر سندن مقصد تنظيم يا سنڌ جي انقلاب آزادي نه پر پنهنجو پيٽ پرڻ هو. اڄ اهي اسان جي صفن کان ٻاهر آهن. ڪو انهن دوستن کان پڇي جيڪي اڄ اسان جي صفن مان نڪري پ پ پ ۾ شامل ٿيا آهن اجان ڪُجھ وقت اڳ ٻنڌي نظام واري ڪئمپ پ پ پ خلاف نعرا هڻندا هئا ته تو سنڌ وڪئي زرداري، تو زال مارائي زرداري، تو ماءُ ڪپائي زرداري اڄ اهي خود وڃي ۾ زرداري جي ڪڇ ۾ ويٺا آهن. هرڪو ماڻهو سمجهي سگهي ٿو ته انهن ماڻهن جي عمل ۾ قول ۾ ڪيترو تضاد آهي، انڪري هن سوسائيٽي کي ضرور انهن سمورين ڳالهين جي پڇا ڪرڻ گهرجي. اسان جي پارٽي کي ڇڏيندڙن ماڻهن مان مون کي يقين آهي وڏي اڪثريت تمام جلد پيشمان ٿي موٽي ايندي جيڪي دوستي ياري جي بنياد تي راه ڀٽڪي ويا آهن. منهنجا ڇڏيندڙ ساٿي جيڪڏهن اڄ هن رياست جي خلاف ڪا هٿياربند، گوريلا جنگ، ڪا سنڌ جي خوشحالي لاءِ سرگرم ۽ سياسي جدوجهد ۾ شامل هجن ها ته پوءِ مون کي الزام ڏئي سگهيا ٿي ته ڊاڪٽر قادر مگسي موقعي پرست ٿي ويو آهي هي سمورا وڏا انقلابي جوڌا آهن. اهي ته سنڌ دشمن جي صفن ۾ وڃي

وڃائي ڇڏيسين. عمر جا ڏينهن ويا هليا. ڪجهه ڪري وٺون ها. ڪجهه ناهي وٺون ها. فلاڻو هئين ٿي ويو. فلاڻو هئين ٿيو ته پاڪستان جو معاشرو آهي. ڪرپشن جو جهان آهي هڪ معمولي ڪلارڪ به ڪرپشن مان ارب پتي بنجي ٿو وڃي. اصل ۾ انسان جو ڪردا ر بلند هجڻ گهرجي. مون کي ياد آهي جڏهن آئون ايل ايم سي ۾ پڙهڻ آيو هوس ته مون وٽ ڊاڪٽر سومار مگريو ۽ ڊاڪٽر نواز ڳاهوڻي آيا مون کي جئي سنڌ جو ميمبر بنائڻ لاءِ ته مون چيو ته آئون ايل ايم سي ۾ پڙهڻ آيو آهيان منهنجو سياست سان ڪو واسطو ناهي، پر جڏهن منهنجي شعور ۽ ذهن قبول ڪيو ته هي جيڪي حالتون آهن اهي مختلف آهي ته مون پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو جنهن ڏينهن آئون پارٽي ۾ شامل ٿيس ٻي ڏينهن مون تي ڪيس ٺهي ويا ۽ آئون روپوش ٿي ويس. سو مطلب جي ڳالهه ته ماڻهو جو عمل ڪردار اهڙو هئڻ گهرجي جنهن سان قوم جو عزت ۽ وقار وڌي، باقي انسان آهيان ڪنهن کي محسوس ٿئي ٿو يا نٿو ٿئي مثال طور گذريل ٽن سالن کان وٺي آئون صحت جي لحاظ کان تندرست ناهيان. ذهني طور ته مان بلڪل توانو آهيان، مان جئين آمريڪا مان موٽيس ته منهنجو بلڊ پريشر صحيح نٿو رهي. ٻن منٽن ۾ 120 کان 300 تائين چڙهي ويندو آهي. مون کي جسم ۾ ڏڪڻي اچي ويندي آهي پوري جسم ۾ تڪليف ٿي ويندي آهي ٻه ڪلاڪ مسلسل هڪ وقت ڪرسي تي ويهي نه سگهندو آهيان. ته ان جو اهو سبب ناهي ته هاڻي آئون پنهنجي سموري ڪيل پورهيئي يا سنڌ جي اعتماد کي پٺي ڏئي هٽ ڪري ويهي رهان ته ادا هاڻي منهنجي طبعيت صحيح ناهي انڪري آئون آرام ٿو ڪريان. آئون پنهنجي پوري ذميواري سان هن قافلي کي سنڌ جي آزادي انقلاب واري منزل ڏانهن وٺي وڃڻ چاهيان ٿو ۽ ان جو خواهشمند آهيان. جي منزل تائين پهچائي وياسين ته اها اسان جي وڏي ڪاميابي ايندڙ نسلن جي عزت ۽ وقار جو سبب بنجندي جيڪڏهن منزل تي نه به پهتاسين ته به جيڪو رستو تعين ڪيو آهي ان جي درست ۽ پهرين

ڏاڪي تي چڙهائي وياسين تہ بہ يقين رهندو تہ ايندڙ اسان جو نسل آرام سان پنهنجي منزل ماڻي وٺندو. اسان جو تہ اجان اهو پهريون ڏاڪو ئي طئہ نہ ٿيو آهي. هيڏا وڏا ليبر پيدا ٿيا جن کي اسان آدرش ڪري پيش ڪندا آهيون انهن تہ اسان لاءِ پهريون ڏاڪو بہ نہ رکيو آهي. هڪڙن سيڪاريو تہ جئي سنڌ جئي سنڌ ڪريو وڏيرن جي ونگار وهو. ٻين سيڪاريو تہ جئي سنڌ جئي سنڌ ڪريو نشا ڪريو پلاٽن تي قبضا ڪريو. منشات جا اڏا هلايو. عيش واري زندگي گذاريو ٻين سيڪاريو تہ جئي سنڌ ڪريو پوءِ پلي سماج جو سڀ بداخلاقيون توهان ۾ بہ چونہ شامل هجن. تہ اسان سڀ انهن جو تسلسل آهيون. اسان ڪڏهن پاڻ کي انساني غلطين کان آجو نہ سمجهيو آهي. زماني جو حالتون مشڪلاتون يا انساني زندگي ۾ ڪو اهڙو لمحو يا مشڪلات آئي هوندي جنهن ۾ اسان بہ شڪار ٿي ويا هونداسين. پر اسان جي بنيادي جيڪا ڪميٽمنٽ پنهنجي نظرئي ۽ فلسفي سان آهي ان تان اسان تر جيترو بہ هٽيا نہ آهيون. ان ڪري آئون سنڌ جو متنازنہ ماڻهو آهيان. اهوئي سبب آهي جو توهان کي ڊاڪٽر قادر مگسي ميڊيا تي بہ گهٽ نظر ايندو ڇا ڊاڪٽر قادر مگسي کي ايترو بہ عقل يا فهم ڪونهي جو سنڌ جي ڪنهن معاملي مسئلي تي ڪو پنج منٽ ڪمنٽس ڏئي سگهي پراها رياستي ادارن جي ناڪامي آهي، چون ٿا اڳ ڊاڪٽر قادر مگسي مقبول هو. هاڻي ناهي. ان جو سبب اهو آهي تہ اڳ منهنجي سياست شاگردن جي دائري ۾ هئي ان وقت جي سياست نعربازي ۽ جيهڙن واري هوندي هئي ايل ايم سي ۾ اسان جي هٿن ۾ ڪلاشنڪوف آئي تہ وڏيرن جاگيردارن جا پٽ اسان جا هٿ چمندا هئا. چڱا ڀلا وڏيرا جاگيردار رستن تي ملندا هئا تہ لهي اچي ملندا هئا تہ سائين اچو ڪڏهن اسان جي چانهہ پي وڃو رات ترسي وڃو پر جڏهن هاڻي اسان ان سياست کي سماج اندر لاٿو آهي عام ماڻهو تائين پارٽي کي پهچايو آهي ۽ اسان جڏهن چئون ٿا تہ هي جاگيردار وڏيرا سنڌ دشمن آهن هن جو تخت تاج ڪيرائي غريب مسڪين ماڻهن جي

سرن تي سجائيندا سين تہ چا ھي وڏيرا جاگيردار خاموش ٿي ويھي رھندا. رياست اسان کي چڙي ڏيندي تہ اسان ايترا پاپولر ٿي وڃون. عمران خان ميڊيا جي ذريعي ايڏو پاپولر ٿي ٿو وڃي ڪنھن دوست کي مون چيو تہ منھنجون چار تقريرون ۽ جلسا پاڪستان جي ميڊيا لائيو ڪري ڏيکاري تہ آئون بہ پاڪستان جو وڏو ليڊر بنجي ويندس. سوا ھو رياست ڪڏھن ڪانہ چاھيندي. اسان ڪالھہ سجاول ضلعي ھڪ تمام ننڍي شھر ۾ ھٿاسين ھزارين ماڻھن جو جلسو ھو توھان کي خبر آھي جي ميڊيا جي چينل ھلايو تہ ٺيڪ نہ تہ ڪا خبر نہ ھوندي. اسان تہ ڏينھن رات پنھنجي وطن ۾ تحريڪ سان آھيون. جيڪي دوست مون کي سڃاڻن ٿا انھن کي خبر آھي تہ آئون سياست جي معاملي ۾ پاڻ ڪيترو پرخلوص ايماندار آھيان. جيڪڏھن سنڌ ۾ ڪو اھڙو ماڻھو موجود آھي تہ آئون پنھنجي قيادت ان حوالي ڪري ان جي پويان ھلڻ جي لاءِ تيار آھيان. آئون اڄ بہ سمجھان ٿو تہ سنڌ ۾ سمورين سياسي پارٽين کان وڌيڪ درست رخ ۾ ويندڙ منظم وقتاً فوقتاً فيصلا ڪندڙ عوامي ساک رکندڙ سياسي پارٽي صرف ايس ٽي پي آھي. ھاڻي اسان کي ايس ٽي پي کي سگھارو بنائي عوام اندر اڳواڻي جو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ جستجو ڪرڻ جي ضرورت آھي. جنھن جو اسان اعتراف ڪريون ٿا تہ جيتري جستجو ٿيڻ گھرجي اوتري ھن وقت نہ ٿي رھي آھي. ان جو ھڪ سبب مون توھان کي ٻڌايو تہ منھنجي طبعيت خراب رھڻ بہ آھي 24 ڪلاڪن ۾ ھڪ بہ ڪلاڪ اھڙا ھوندا آھن جو منھنجي طبعيت اھڙي ٿي ويندي آھي جو مان چرڻ ڦرڻ جي قابل نہ رھندو آھيان. باقي اوٺيھہ ويھہ ڪلاڪ تازو توانو لڳو پيو ھوندو آھيان انڪري جڏھن ڪنھن کي ٻڌائيندو آھيان تہ منھنجي طبعيت سھي ناھي تہ چوندو ھي تہ ڪوڙ ٿو ڪري ھي تہ تيار لڳو پيو آھي (مزاحيہ انداز ۾ ڳالھ ڪندي) آئون انھن مشڪلاتن کي منھن ڏيان پيو اميد تہ جلدي آئون ان نتيجي تي پھچي ويندس جو انھن مشڪلاتن مان نڪري ويندس. اسان خير پور جلسي ۾

وياسين ان وقت شفقت معيسر وينو آهي ضلع جو صدر هو جلسو تمام شاندار هو وڏي تياري هئي جڏهن تہ رات جي وقت بہ هنن سان مون ڳالهايو تہ جلسي جي ڪئين تياري آهي هنن ٻڌايو تہ تمام زبردست تياري آهي مون چيو نيڪ سڀاڻي پهچنداسين. آئون جڏهن جلسي ۾ پهتس تہ منهنجو گلو بلڪل بند ٿي ويو هڪ لفظ بہ ڳلي مان نہ پئي نڪري سگهيو تہ مون مذاق ۾ چيو تہ لڳي ٿو قائم علي شاهہ ڪو بنگالي جادوگر ويهاري جادو ڪرائي ورتو آهي. هاڻي وري ڪنهن ٻي جلسي ۾ اچي تقرير ڪبي. تہ انهن سمورين ڪفيتن مان گذرون پيا ۽ پنهنجي جدوجهد کي جاري رکندا پيا اچون. هي ڳالهہ صحيح آهي تہ فوجي دماغ ۽ سياسي ڪارڪن جو دماغ شيطاني دماغ هوندو آهي. ڪم ۾ لڳل هرندو آهي تہ مثبت اڳتي جو سوچيندو ويندو آهي جي واندو هوندو آهي تہ شيطاني سوچون ايندڙيون اٿس. سياسي ڪارڪن جي تحريڪ ۾ هوندو تہ تحريڪ جو ئي خيال هوندس تہ اڄ احتجاج ڪرڻو آهي اڳتي نڪرڻو آهي جلسو جلوس ڪرڻو آهي پر جي واندو هوندو تہ پوءِ غلط ڪم ڪندو ڪنهن جي پلاٽ تي قبضو پيو ڪندو ڪنهن کي داٻا دڙڪا پيو ڏيندو. پر جيڪو ڪميٽيڊ سياسي شعور رکندڙ قوم وطن جي انقلاب جي تڙپ رکندڙ هوندو آهي اهو هڪ لمحو بہ واندو نہ هوندو آهي هن جي ذهن دماغ تي هر وقت قوم وطن جي آزادي ۽ انقلاب سوار هوندا آهن. فوجي دماغ بہ ائين هوندو آهي جي جنگ نہ هوندي آهي تہ انهن کي ٻين ڪمن ۾ لڳائي مصروف رکيو ويندو آهي ڇو تہ جيڪڏهن انهن کي واندو ڇڏيندا تہ اهي سست ٿي ويندا سندن سوچون ناڪاره بنجي وينديون. سنڌ ترقي پسند پارٽي جو حيدرآباد ۾ ترقي پسند هائوس ڪيٽي بندر کان ڪشمور تائين سمورن ڪارڪنن جي رابطي جو مرڪز آهي. هي هڪ سياسي سيڪريٽريٽ آهي ان کي هلائڻ لاءِ بہ سائنسي طريقو استعمال ڪرڻو پوندو. ان کي هلائڻ جي لاءِ پارٽ اچڻ وارن ماڻهن جي ضرورت آهي پگهاردار ماڻهن جو ڪم ناهي. اهي ماڻهو ويهن

جيڪي ماڻهن جو فون رسيو ڪن ماڻهن جو ڏک سک ٻڌن ان جي حل جي لاءِ ڪوششون وٺن. سوشل ميڊيا ۾ اسان کي ڪم جي ضرورت آهي اڳ جي پيٽ ۾ هاڻي ڪافي بهتر آهي ڪافي دوست اسان جا سرگرم ٿي ويا آهن. اڃا ان کي وڌيڪ تيز ڪريون پيا. ان کان سواءِ اسان کي ننڍين ننڍين تحريڪن جي ضرورت آهي. اسان وٽ حزب الله ۽ حماس جا وڏا مثال موجود آهن. جڏهن پي ايل او ( فلسطين جي آزادي جي وڏي تنظيم جو نالو) ۽ حماس ان وقت ۾ فلسطين ۾ سوشل سرگرمين جو ڪم شروع ڪيو. جنهن سان هن فلسطين جون دليون کٽي ورتيون پي ايل او کان به اڳيان اچي طاقتور تنظيم سامهون اچي وئي آهي. ساڳي طرح حسن نصرالله. حزب الله جيڪا لبنان ۾ فوج کان به وڌيڪ طاقتور فوجي توڙي سياسي طور وڏي پارٽي آهي. انهن به پنهنجي شروعات ماڻهن جي بنيادي مسئلن جي حل ۽ سماجي ڪمن سان ڪئي جنهن ڪري انهن عوام ۾ پنهنجون پاڙون مظبوط ڪيون. انڪري اسان کي به پنهنجو اهو پاسو نه وسارڻ گهرجي اسان کي ماڻهن جي بنيادي مسئلن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي انهن صحت تعليم وغيره جي معاملن تي آواز اٿارڻ گهرجي. انڊيا جهڙي ملڪ ۾ ماڻهو مجال آهي جو پنهنجو باٿ روم ٻاهر ٺاهي گهٽي سوڙهي ڪن. مجال ناهي ڪنهن جي ڪو اتي هڪ سئو سالن جو پراڻو وڻ ڪٽي جي اهڙو عمل ڪندو ته 50 ماڻهو ان کي روڪڻ جي لاءِ اچي بيهي رهندا. پر اسان وٽ ائين ناهي ڇو ته اسان غلام قومن واري ذهني ڪفيت ۾ آهيون اسان پنهنجي سماج ۾ ڪا ذميواري محسوس نٿا ڪريون اسان سماجي معاملن کان صفا لاتعلق ٿيو بيٺا آهيون ڪڏهن ڪوشش نه ونداسين ته گڏجي پنهنجي ڳوٺ محلي جو رستو صاف ڪريون. ڪو گٽر جو ڍڪ ناهي رکون. روڊ ۾ ڪو کڏو آهي ته ان کي مٽي سان پوري بند ڪري ڇڏيون. اسان جا تعلقا آهن هڪڙي ٿي ايم او وٽ وڏي بجيٽ اچي ٿي تعلقي جي لاءِ پر اسان ان کان پڇون به نٿا ته اسان جا هي روڊ رستا ڇو نٽا ٺهن. ڇو پ پ جي صدر تعلقي صدر ايم پي

ايڇ ايم اين اي وغيره جي گهرن ۾ پئسا وڃن ٿا. ٽي ايم او يارهين کان چوڏهين گريڊ جو ڪلارڪ آهي اهو جيڪڏهن اسان جي ترقي واري بجيٽ مان مهيني ۾ چاليهه پنجاهه لک روپيا ڪائي ارب پتي ٿيو وڃي پر اسان جي مسڪين ماڻهن کي گهر کان گندگي جا ڍير لڳا پيا هجن جنهن سبب مختلف بيماريون جنم وٺن. ته حيف اسان جي سماج تي آهي. انڪري اسان کي انهن سمورين شين معاملن لاءِ سجاڳ ٿيڻو پوندو. اسان خدمت سنڌ فائونڊيشن جو بنياد انڪري ئي وڌو پر جڏهن توهان جي سياست ڪمزور آهي ته توهان جو سماجي شعبو به ڪمزور ٿي ويندو. منهنجي خيال ۾ سنڌ جا بنيادي اشو هن وقت ٽي آهن. ڌارين جي آباد ڪاري جي روڪٿام اسان کي ڌارين جي آبادڪاري تي هاڻي ليڪو ڪڍي ڇڏڻ گهرجي ته فلاڻي تاريخ سال کان پوءِ جيڪي سنڌ ۾ ڌاريان آيا آهن انهن کي نيڪالي ڏيو سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي ۽ سرڪاري ٻولي جو درجو ملڻ گهرجي سمورن اسڪولن ۾ سنڌي مضمون لازمي ڪيو وڃي پ پ سرڪار هن وقت تائين صرف ڳالهين جي حد تائين آهي ان تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي،سنڌ جي سمورن معدني وسيلن تي سنڌ جو حصو طئه ڪيو وڃي.جيهڙو ته اسان کي مالڪي جو ڪرڻو آهي پر جيستائين مالڪي ملي تيستائين اسان کي سنڌ جو حصو مقرر ڪرائڻ جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي. انهن ٽن مسئلن تي زبردست تحريڪ ۽ جدوجهد جي ضرورت آهي.ان سان گڏ سياسي ڪارڪنن کي سماجي ڪمن ۾ سرگرم ٿيڻ گهرجي. ماڻهن جي بنيادي مسئلن تي يوسي چيئرمين کان ويندي تعلقي ضلع ڪائونسلن تائين انتظاميه خلاف تحريڪون هلائڻ گهرجن روز جلسا ، جلوس ڌرڻا هڙتڻ گهرجن. ائين ماڻهن جي بنيادي مسئلن جي حل وارين تحريڪن ۾ وڃي اسان ايس ٽي پي کي سماج ۾ توازن سان چال آڻي سگهون ٿا. ان لاءِ ضرور آهي ته اسان جا ڪارڪن وطن سان عشق ڪندڙ جانثار ۽ مخلص هجڻ گهرجن مطلب ماڻهو ذاتي غرض کان

آزاد هجي،ماڻهو جانثاري جي حد تائين واڳيل هجن . ماڻهو مرڻ تائين ساٿ
ڏيندڙ هجي. هي ٽي خوبيون انتهائي ضروري آهن. اهي ٽي ماڻهو هن قوم ۽
وطن کي ذلتن مان ڪڍي سگهن ٿا. آئون آخر ۾ توهان سمورن دوستن
سائين جون مهربانيون مڃان ٿو.

# ايس ٽي پي لطيف جي فڪر جي وارث آهي

( ڀنون ۾ ڪيل جشن لطيف ڪي صدارتي خطاب ، 14 ڊسمبر 2013ع )

اسٽيج تي ويٺل منهنجا معزز اڳواڻ ، ڀني شهر جا رهواسيو
اسلام عليڪم جيئي سنڌ !

دوستو ڀنون جو شهر يا ڀني جا ماڻهو منهنجي لاءِ نوان نہ آهن هر سال ٻي سال ايندا آهيون ملاقاتون ٿينديون آهن. جلسا ٿيندا رهندا آهن. هتان جيڪي محبتون ملنديون آهن اهي ڪڏهن بہ آئون وساري نٿو سگهان. ايس ٽي پي ضلعي سجاول جي پاران ڀني شهر ۾ غياث ميمڻ ، عبدلڪريم پليجو ۽ ٻين دوستن جنهن محنت جوان مردي ۽ بهترين نموني رٿابندي سان هي شاندار لطيف سرڪار جو پروگرام ڪيو آهي ان تي آئون سمورن دوستن کي مبارڪباد ڏيان ٿو. لطيف اهو شاعر آهي جنهن ڪي هر ماڻهو پنهنجي معني ۽ مفهوم سان سمجهندو آهي ۽ بيان ڪندو آهي. اهائي هڪ وڏي شاعر جي خوبي هوندي آهي تہ ان جا لفظ ايڏا بامعنيٰ با مقصد هجن. هر لفظ جي اندر ايتري گهرائيپ هجي جنهن جون ڏهہ ڏهہ پندرنهين معنيٰ ۽ تشبيحون ٿين جنهن معنيٰ سان ان کي ونجي تہ ان سان الڳ ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي تہ واقعي شاعر ائين چيو آهي. اها ئي خوبي شاهہ لطيف جي شاعري ۾ آهي. عالمي اصولن تي جيڪڏهن شاهہ لطيف جي شاعري جي پرک ڪجي تہ معلوم ٿيندو تہ هي هڪ لازوال لافاني شاعري آهي جنهن جي شاعري هر دور جي عڪاسي ڪري ٿي. شاهہ لطيف جيڪو لفظ بيان

ڪيو آهي جيڪا ست لکي آهي ان ۾ ان جو گهرو مشاهدو شامل آهي پاڻ ڀٽڙاري جا ماڻهو جڏهن ڪا مينهن وغيره اچي نه سگهندي آهي ته پوءِ ان کي تنگن وٽان ڪاٺ ڏئي اڻاري بيهاريندا آهيون چوندا آهيون ته مينهن ڇُڪي پئي آهي. شاهه لطيف پنهنجي شاعر ۾ چوي ٿو "چڙهه ڇُڪيائين چوٽي" مطلب اهڙي حالت ۾ هجو پر تڏهن به پنهنجي منزل ڏانهن پنهنجي سفر کي جاري ساري رکو متان دل لاهيو يا ٿڪجي ويهي رهو. سو لطيف سرڪار جي هڪ هڪ لفظ ۾ ايڏو گهرو مشاهدو آهي ايترو ويجهڙائي سان ان کي ڏٺو آهي جنهن کي هن پنهنجي لفظن سان پيش ڪيو آهي، لطيف اهو شاعر آهي جنهن ٽي صديون اڳ شاعري ڪئي پر جڏهن سندس شاعري جو مطالعو ڪجي ٿو لڳي ائين ٿو ڄڻ حال جي شاعري هجي. شاهه لطيف ننگر پارڪر کان وٺي ڪيٽي بندر شاهه بندر تائين پيرين پند سفر ڪري مشاهدا ڪيا آهن. هن سڄي سنڌ جهاڳي سنڌ جي سموري فطري تخليق، ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ڪرت کي پرکي مشاهدي ۾ آڻي اهڙي شاعري سرجي آهي جيڪا اسان لاءِ رهنمائي ڏيندڙ فلسفو بڻيل آهي، شاهه لطيف تي ڪو به ماڻهو آڱر کڻي نٿو چئي سگهي ته شاهه لطيف ڪو درباري شاعر هو. شاهه لطيف وقت جي حڪمرانن بادشاهن وڏيرن جاگيردارن جي شان ۾ قيصدا نه ڳايا هن انهن جي منشا موجب شاعري ناهي ڪئي پر شاهه لطيف جي شاعري جا ڪردار اهي هيرا آهن جيڪي محنت ڪش آهن. ايس ٽي پي جو فڪري رهبر شاهه عبدلطيف ڀٽائي کي تسليم ڪندي آهي ڇا ڪاڻ ته شاهه لطيف فڪري لحاظ کا هڪ وطن پرست ۽ آزادي پسند شاعر هو. ۽ عملي طرح سان شاهه صاحب انسانيت جي عزت ۽ وقار ۾ يقين رکندڙ هو. لطيف سرڪار محنت ڪش کي هميشه عزت جي نگاهه سان ڏٺو. هن جي شاعري ۾ جا هيرا اهي فرد آهن جن پنهنجون زندگيون وطن تان قربان ڪيون. يا اهي سورميون آهن جن وطن کي نه وساريو ڏاڍ جبرسهي ويون، لالچ بخمل کي ٺڪرائي وطن جي

شاندار طريقي سان شاه جي شاعري جو لفظ لفظ پيش ڪندا معنيٰ ٻڌائيندا آهن جو ماڻهو ڪي اڇرج اچي ويندو آهي. بدقسمتي سان اڄ اسان جي تنگدستي بدحالي جي حالت ۾ آهيون اسان اهي ماڻهو جيڪي ٻه ٽي ايڪڙ زمين رکڻ وارا ٻه ٽي ڍور سانڍڻ وارا پنهنجو اوطاقون مهمانن سان ڀريل رکندا هئاسين انهن جي مکڻ کير ۽ ماني سان خاطري ڪندا هئاسين اتي ڪچهريون ٿينديون هيون ، گجهاريون، پروليون، ڏڻ بيت، لطيف سرڪار جي شاعري سان محفلون مچنديون هيون. ا نهن محفلن ۾ سماج جا آداب سيکاريا ويندا هئا ننڍي وڏي جي عزت، نياڻي ست قران جي برابر هجڻ جا درس ڏنا ويندا هئا، سنڌ جي جوڌن جون دليري جا قصا ٻڌايا ويندا هئا. ائين سنڌي سماج پنهنجي تربيت ڪندو رهيو آهي. پر اڄ اسان جون اهي اوطاقون ويران ٿي رهيون آهن آهستي آهستي اهو سڀ ڪجهه ختم ٿيندو پيو وڃي اسان جي سماج جي تبديلي ۽ شعور ڏيندڙ اهي سکيا گهر بند ٿيندا پيا وڃن. جنهن سبب سنڌي سماج جي اندر براين جنم ورتو آهي ماڻهن مان سهپ ختم ٿيندي پئي وڃي. ماڻهن کي لالچ حرص ۽ حسد ديوانو بنائي ورتو آهي. اهي سموريون برايون اسان ۾ عام طرح سان داخل نه ٿيا آهن. جڏهن قومون غلام بنجنديون آهن جڏهن به ڪو ڌاريون، ڪو سامراج ڪو يلغار ڪندڙ قومن تي قابض ٿيندو آهي ته اهو ان قوم مان سڻا گڻ ختم ڪري ڇڏيندو آهي قوم کي لالچ حرص ۽ حسد طرف ڌڪي ڇڏيندا آهن ۽ ان قوم جا فرد خيرات ۽ ڀنڻ جي ڀويان لڳي ويندا آهن. تاريخ شاهد آهي ته سومرا سنڌ جا شاندار حاڪم رهيا آهن پر جڏهن علاوءِ الدين خلجي سنڌ تي ڪاهه ڪئي ۽ سومرن کي شڪست ڏني ته پوءِ هن زيردستي ڪنهن سومرو کي ڌوٻي بنايو ڪنهن کي واڍو بنايو ڪنهن کي گهاٽو ڪولي ڏنو ويو. جو ته انهن کي خبر هئي ته هي سومرا جيڪي حاڪم رهيا آهن انهن کي انهن گهٽ ڪمن ۾ لڳائينداسين ته هنن جي دماغ مان حاڪميت جو چڪر ختم ويندو هي ذهني طور غلام بنجي ويندا. ڪلهوڙن

کي شڪست ڏئي انهن کي هٿن ۾ پولڙيون ڏنيون ويون تہ اوهان اهو ڪم ڪريو فقير آهيو پولڙيون نچايو. جڏهن سمن جو زوال آيو تہ انهن کي هر طرح سان تاراج ڪيو ويو. انهن جي عزتن کي تاراج ڪيو ويو. انهن کي وڏاڪو لوهارڪو اوڏڪو جي ڪمن ۾ لڳايو ويو. تہ جيئن انهن جو عزت وقار ختم ٿي وڃي اهي وري ڪا اهڙي مزاحمت ڪرڻ جي همٿ نہ ڪري سگهن. اسان سنڌي 1843 کان وٺي انهي جديد غلامي کي ڀوڳيون پيا. پاڪستان ٺهڻ وقت اسان جي وڏن سمجهيو تہ اسان سنڌي آزاد ٿي ويندا سين پر ائين نہ ٿيو آهي اسان کي جديد سائنسي غلامي ۾ جڪڙيو ويو آهي. اسان جو اسان جي معدني وسيلن تي حق ناهي رهيو اسان محنت ڪريون ٿا زمين کيڙيون ٿا پگهر وهائي خرچ ڪري فصل اپايون ٿا پر اگهہ مقرر ڪرڻ جو حق اسان کي ناهي. اگهہ مقرر ڪرڻ حاڪمن جي وس ۾ هوندو آهي. پوءِ ائين ٿيندو آهي زرداري حاڪم هو يارنهين شگر ملون هن جون پنهنجون هيون ڪمند ويچاري آباد گار پگهر وهائي محنت ڪري خرچ ڪري پوکيو پر اگهہ ان کي اهو ڏنو ويو جو هو پنهنجو خرچ بہ نٿو ڪڍي سگهي.

ماڻهو سچ ٻڌڻ چوڻ کان جڏهن ڇرڪڻ شروع ڪندا آهن تہ اها قوم ان ڏينهن کان پٺڪڻ شروع ٿي ويندي آهي. سنڌ اها سرزمين آهي جنهن سرزمين تي صوفي شاھ عنايت جو انقلاب آيو هو. جهوڪ واري انقلاب ۾ وڏا وڏا دنگهہ وڏيرا جاگيردار جيڪي پنهنجي هارين سان ناانصافيون ڪندا هئا. هارين جي زمينن ۽ کيڙي تي قبضا ڪندا هئا . صوفي شاھ عنايت جو حڪم هو تہ انهن ظالمن جو ٻوٽ ٻڌي انهن کي هتي پيش ڪيو وڃي. هاري ڪورٽون هلنديون هيون. صوفي شاھ عنايت جو نعرو هو تہ "جيڪو کيڙي سوکائي" زمين جيڪو کيڙيندو مالڪ اهو هوندو. اسان اها قوم آهيون جن ارغونن ترخانن آڏو جهڪڻ کان انڪار ڪيو اسان اعظم خان صوبيدار آڏو جهڪڻ کان انڪار ڪيو. تہ اسان چنبڙ گيدي

وڏيرا چنڊ وڪائو ملان اسان سان غداري ڪندي صوفي شاهه عنايت کي شهيد ڪرائين ٿا. پر صوفي شاهه عنايت چوي ٿو تہ مون کي موت قبول آهي پر پيرن تي جهڪي منٿون ميڙيون ڪرڻ کان جواب ڏيندس. پر آئون جنگ جي ميدان ۾ پنهنجي بدن مان رت هاريندي قربان ٿي وڃڻ کي ترجيع ڏيندس. سنڌ جا صوفي بزرگ، ولي ان قسم جا عملي درس ڏئي ويا . مخدوم بلاول جهڙي عظيم ماڻهو جي جُتي ۾ ڪنهن سازشي عناصر قرآن شريف جا ورق لڪائي ڇڏيا ۽ سازش تحت مخدوم بلاول کي قرآن شريف جي بي حرمتي جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو. ۽ ان کي ڪنهن ڪوڙي قاضي سزا ڏني تہ مخدوم صاحب کي زنده گهاڻي ۾ پيڙهيو وڃي. تہ فيصلي جي عمل وقت مخدوم بلاول کان پڇيو ويو تہ ٻڌائي توکي ڪٿان کان پيڙهڻ شروع ڪريون تہ مخدوم بلاول چيو تہ مان جلدي نٿو مرڻ چاهيان مون کي پيرن کان گهاڻي ۾ پيڙهيو وڃي تہ جئين آئون پنهنجي ڪنن سان پنهنجي سموري جسم جي هڏن جا ٽڪاءِ آخري ساهه تائين ٻڌندو رهان ۽ باوقار طريقي سان پنهنجي حق سچ ۽ ڌرتي تان قربان ٿيان. اي سنڌيو توهان ان عظيم شهيدن واري قوم جا وارث آهيو. اسان جي وڏن ان قسم جون قربانيون ڏئي اسان کي هتي پهچايو آهي. اسان ڏاڍا لاپرواهه ٿيو ٿوبي نراڙ تي رکيو گهمندا وتون ٿا تہ هي سنڌ مڙيئي ڪا آ بچي آهي. هي سنڌ ڪا خيرات ۾ نہ ملي آهي هن لاءِ اسان جي وڏن عظيم قربانيون ڏنيون آهن. سڪندر يوناني کان وٺي چارلس نيپئر تائين جنرل ضياءَ ۽ مشرف تائين لکين نوجوانن، بزرگن ۽ عورتن پنهنجي رت جو نذرانو ڏئي هن سنڌ کي قائم ۽ دائم رکيو آهي.

اسان ڪنهن بہ فرد واحد جي خلاف ناهيون. اسان ڪنهن شيرازي، واحد سومرو، ارباب وزير جي خلاف آهيون. نہ ئي اسان ڪنهن مير پير جي خلاف آهيون. اسان انهن ادارن ڪردارن جي خلاف آهيون جن کي اسان پنهنجي سياسي ٻولي ۾ جاگيردار معاشرو چئون ٿا. جاگيردار ڪڏهن بہ سنڌ

جو ساٿ نہ ڏنو آهي. ڪڏهن بہ پنهنجي وطن جي حفاظت جي جنگ نہ وڙهي آهي، پر جڏهن جڏهن آيو آهي تہ انهن جاگيردارن وڏيرن پنهنجا سر انهن سامراجي حڪمران طاقتن آڏو جهڪائي سنڌي قوم کي غلامي ۽ تذليل ۾ ڌڪيو ڪيو آهي. ايس ٽي پي جيڪڏهن ڪنهن جاگيردار جي خلاف ڳالهائي ٿي تہ ان جاگيردار کان پهرين ان جي چمچي کي چوٽي کان وٺي پيرن تائين باھ لڳيو وڃي ٿي. اڙي شرم ڪريو حيا ڪريو. ڊاڪٽرقادر مگسي پنهنجي پيٽ جي لاءِ سياست نٿو ڪري پر ڊاڪٽرقادر مگسي هن قوم وطن جي عزت وقار جي لاءِ جيلن، ڦاسي گهاٽن ٽارچر سيلن کان وٺي هن گهٽي گهٽي جو سفر ڪيو آهي. ڊاڪٽر قادر مگسي هن ٽوپي اجرڪ جي بقاءِ جي جنگ ڪئي آهي، انهي ٽوپي اجرڪ پٽڪي لاءِ جيڪا جتي ڊاڪٽرقادرمگسي جي مٿي تي آهي اتي او وڏيري جا چمچا جاگيردار جا پنو تنهنجي مٿي تي بہ اها ٽوپي ڪلهن ۾ اجرڪ آهي. تنهنجي پيءُ جي پٽڪي جي بہ حفاظت آهي تنهنجي نياڻي جي رئي جي بہ حفاظت آهي. اسان جي منزل اقتدار نہ پر آزاد ۽ باوقار وطن ٺاهڻ آهي. اسان کي پنهنجي ووٽ جي طاقت جو استعمال درست ڪرڻ گهرجي ان لاءِ ذاتي ۽ خصيص مفادن بدران قومي اجتماعي مفادن کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. اسان جون بنيادي سهولتون ڏيڻ چونڊيل نمائيندن جو فرض آهي. سنڌ جي سرزمين کي قدرت معدني وسيلن سان ايترو مالامال ڪيو آهي جيڪڏهن اسان جي ڌرتي جا وسيلا اسان جي سنڌ تي خرچ ڪيا وڃن تہ سنڌ پئرس کان وڌيڪ جديد سهولتن واري بنجي سگهي ٿي. پاڪستان جي سٺ سالن جي تاريخ اهو ثابت ڪيو آهي تہ سنڌ جو وڏيرو ڪڏهن سنڌ جي خوشحالي لاءِ ڪردار ادا نہ ڪندو. اهو ڪردار باغيرت ماڻهو ادا ڪندا.

شاھ لطيف چوي ٿو تہ "هو چونئي تون م چئو واتون ورائي" مطلب جيڪڏهن توهان کي ڪو گهٽ وڌ ڳالهائي ٿو تہ توهان ان کي ان طرح جواب نہ ڏيو. اهو شاھ لطيف پنهنجن لاءِ چيو آهي جيڪي اسان سنڌي

# شهيدن جي رت سان وهنتل ڄامشورو

(ستاف پاران سنڌ يونيورسٽي ۾ 3 نومبر 2013 تي منعقد ڪرايل
جشن لطيف جي جلسي ڪي صدارتي خطاب)

سنڌ يونيورسٽي جي انهي ميدان جنهن ميدان تي آزادي جا خواب ڏسندڙ ۽ پنهنجي انهن خوابن جي ساڀيائن جي لاءِ پنهنجي جان ڏيندڙ جوانن جي زندگين جا انمول ڏينهن جدوجهد ۽ قربانين جا مثال قائم ڪيا آهن ان ميدان تي گڏ ٿيندڙ سنڌ يونيورسٽي جا شاگرد ، شاگردياڻيون سنڌ جا وارثو نوجوانو توهان سمورن کي جئي سنڌ.

مان شڪر گذار آهيان سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن جو جن هتي گڏ ٿي اسان کي مان ڏنو. سنڌ ترقي پسند اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي سرواڻ اويس باجڪاڻي اقبال مگسي ۽ ان سان گڏ ان جي سڄي ٽيم جو جن جي تمام گهڻي خواهش هئي تہ مان چند گهڙيون سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن سان گڏ گذاريان. مان واقعي انهن نوجوانن ۽ انهن جي ٽيم کي تحسين پيش ڪريان ٿو. جتي هر پاسي نمائيش، هٿيار بارود ۽ غنڊا گردي ليڊرشپ جو معيار هجي. تہ ڪهڙي ليڊر وٽ پنج ڪلاشنڪوفون آهن. ڪهڙي ليڊر جي ڌاڪ تي وائيس چانسلر، رجسٽرار، ڪنٽرولر ۽ انتظاميہ ڊڄندي آهي. ڪهڙي ليڊر جي اچي وڃڻ سان استادن ۾ ڏڪڻي پوندي آهي ۽ امتحان ۾ ويهڻ کان سوا ڇوڪرن کي پاس ڪري ڇڏيندا آهن. جڏهن اهڙو معيار ليڊر شپ جو يونيورسٽين ۾ تعيل هجي تہ وقت ۾ اسان اويس باجڪاڻي جا

هٿ پير ٻڌي، ان جي نوجواني واري ڪاوڙ غصي کي بندن ۾ بند ڪري ان تي هڪڙي پابندي لاڳو ڪري ان کي چيو ته تون وڃ انهي ميدان تي جتي سنڌ ترقي پسند پارٽي ۽ ڊاڪٽر قادر مگسي جو نالو ٻڌندي ئي تمام گهڻيون اذيتن، تڪليفن ۽ غنڊا گردي سان مقابلو ڪرڻو پوندو پر توهان کي گولي جو گولي جو جواب گولي سان ناهي ڏيڻو ان کي گولين جو مقابلو ڪر بنا هٿيار جي مادر علم يونيورسٽي ۾ علم جي ڏيئي کي ٻاري رکڻو آهي ۽ سنڌ جي قومي تحريڪ کي سنڌ جي انقلاب ۽ آزادي ڏانهن ڪٺي وڃڻو آهي مون کي خوشي آهي ته اسان جي شاگرد ونگ ستاف جا دوست ثابت قدمي سان جستجو ۽ محنت سان شاگرد سياست کي مثبت رخ ڏانهن ڪٺي وڃڻ ۾ جيڪا پيش قدمي ڪئي آهي ان جي پهرين ڏاڪي تي ڪاميابي سان پهچي پنهنجا پير کوڙي چڪا آهن. ڪنهن به عمارت جو بنياد ان جي پهرين سر تي هوندو آهي ساڳي طرح ڪنهن ڊگهي منزل ويندڙ پهريون قدم ڪنهن انقلاب ۽ تحريڪ ڏي وڌندڙ سيڙهي جو پهريون ڏاڪو جي درست رکيو وڃي ته ان کي دنيا جي ڪابه طاقت ڪاميابي کان روڪي نٿي سگهي.

مون پنهنجي زندگي جي جواني وارو حصي جا سترنهن سال ڄامشورو جي پٿريلي زمين تي سنڌ جي آزادي جي جدوجهد ۾ آزادي جا خواب ڏسندي گذاريا آهن. ان لاءِ آئون ضروري سمجهان ٿو ته آئون پنهنجي زندگي جي انهن ڏينهن جا تجربا توهان سان سليان. اسان ان زماني ۾ ڄامشورو جي هن زمين تي آيا هئاسين جنهن زماني ۾ جنرل ضياء جو راڄ هو ان وقت سنڌ جي هڪ ليڊر ذوالفقار ڀٽو کي ڦاهي چاڙهيو ويو ٻي طرف ۽ سائين جي ايم سيد کي سن ۾ قيد بنائي رکيو ويو اهڙي وقت ۾ اسان هن ميدان تي آيا هئاسين. اسان هڪ غيرسياسي ماحول مان آيل هئاسين خانداني طور منهنجو نه ڪو سياست سان واسطو هو نه وري منهنجو ڪو بندوق سان واسطو هو.مان عام طرح جو هڪ معمولي شاگرد هئس منهنجي ڪرت

پڙهائي هئي ان سان گڏوگڏ راند روند هئي جنهن ۾ جودو ڪراٽو باڪسنگ وغيره هيون. پنهنجو پاڻ تي فخر محسوس ڪندو هوس تہ مون کان ڪوبہ اڳيان ناهي. پنهنجي انهن مشغولين ۾ مست رهندو هوس.

پر ڄامشورو جي پٿريلي جي زمين تي قدم رکڻ کان پوءِ احساس ٿيو تہ ڪا قوم بہ ٿيندي آهي ڪو وطن بہ ٿيندو آهي ان جا بہ ڪي فرض ۽ ذميواريون هونديون آهن. جڏهن اهڙو احساس اندر ۾ پيدا ٿيو تہ اسان باقي سڀ مشغوليون وساري ڇڏيون. لطيف چواڻي "الست بربڪم جڏهن ڪن پيوم" جيان جڏهن منهنجي شعور ۾ آيو تہ پنهنجي قوم وطن ۽ سنڌ تي ڏکيا ڏينهن آهن ۽ باڪردار ۽ غيرتمند فرد جي حثيت ۾ مون تي بہ ڪابہ ذميواري عائد ٿئي ٿي. تہ آئون پنهنجو فرض نڀايان پوءِ مون پنهنجي وجود ۽ روح سان وچن ڪيو تہ هاڻي آئون پنهنجي زندگي جو هر پل ۽ لمحو هن ڌرتي جي آزادي خوشحالي ۽ هن پيڙهيل مسڪين ماڻهن جي عزت وقار خوشحالي جي لاءِ ڪتب آڻيندس ۽ ان مقصد جي حاصلات لاءِ پنهنجي جسم مان رت جي آخري ڦڙو بہ وهائيندس پر پوئتي نہ هٽندس.

وقت شاهد آهي تہ هن سرزمين تي جڏهن جنرل ضياءَ جي مارشلا ائڊمنسٽر هو پئي ڪي شهيد ڪيو ويو. 1986 ۽ 1987 جي تحريڪ ۾ هزارين سنڌ جا جوڌا ڪنا ويا هئا. نوڙهي ڦاٽڪ تي اسان جا نوجوان ڳڀرو دوست شهيد ڪيا ويا. هن ئي يونيورسٽي جي هاسٽل هوشو هئي يا لطيف هاسٽل هئي اسان جيلن ۾ هئاسيم تہ اسان جي دوست شهيد احسان ميمڻ کي انهن ڪاريڊورن ۾ شهيد ڪيو ويو. اهڙا ڪيترائي واقعا رونما ٿي چڪا هئا پر جنرل ضياءَ اهو خواب کڻي مري ويو تہ هو ڄامشورو جي زمين کي فتح ڪري ان جي سرزمين تي سنڌس هليڪاپٽر لهي. پر اسان نوجوانن ان وقت اهو طئہ ڪري ڇڏيو هو تہ شهيد جي رت سان وهنتل ڄامشوري جي هن سرزمين تي اسان ڪنهن بہ صورت ۾ انهي سنڌ دشمن جلاد جي هيلي ڪاپٽر کي لهڻ نہ ڏينداسين. ۽ اهو جنرل ضياءَ سان گڏ قبر

۾ دفن ٿي ويو. اڄ اهائي ساڳي سرزمين آهي جنهن جي انچ انچ تي انهن غيرتمند سرفروش آزادي جا خواب اکين ۾ سجايل نوجوانن جا قلم ۽ رت هاريل آهي اڄ انهي مقدس سرزمين تي اڄ اهوئي جلاد قاتل دهشتگرد عشرت العباد اچي سيڪنڊيٽ جون گڏجاڻيون ۽ ڪانويڪشن ۾ شريڪ ٿئي ٿو ۽ ان جو استقبال ڪيو وڃي ٿو. شايد انڪري جو اسان جو همٿون جرئتون الفاظن ۾ دليل ۾ منجهي پنهنجي راهه تان ڀٽڪي چڪيون آهن. نه ته سنڌ جو ڪوبه غيرتمند پٽ دهشتگرد جو سلامي ٿئي اهو ناممڪن آهي.

اهائي سرزمين هئي جنهن تي جنرل ضياء دهشتگرد ٽولا پيدا ڪيا هئا ان وقت اسان قلم کي ڇڏيو ڪونه پر اهو اسان پاڻ سان گڏ رکيو وقت شاهد آهي ته ايم آرڊي جي تحريڪ وقت سنڌ يونيورسٽي، زرعي يونيورسٽي ۽ لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي پنهنجي ٽائيم تي هلنديون رهيون. پارنهين تائين اسين خود ڪلاسن ۾ هوندا هئاسين. پارنهن بجي ڪلاس ختم ٿيڻ کان پوءِ روڊن تي نڪري اچي احتجاج ڪرائيندا هئاسين ۽ تحريڪون جاري رکيوسين. اڻين جئين فلسطين جي آزادي پسند ماڻهو پنهنجي پي ايل او جي پليٽ فارم تان پنهنجي آزادي جي لاءِ يهودي جارحيت خلاف ويڙهه ڪئي ۽ يونيورسٽين مان پنهنجي شهيدن جا لاش کنيا پر يونيورسٽين کي بند ٿيڻ نه ڏنو ڇو ته انهن کي خبر هئي ته جيڪڏهن يونيورسٽيون بند ٿي وينديون ته اسان بنا تعليم جي پنهنجي آزادي جي منزل تي پهچي نه سگهنداسين. ته هي ضروري هو اسان جو پهريون مقصد تعليم آهي ته اسان تعليم پرايون. پر جي اها تعليم صرف پنهنجي ذات تائين محدود ڪندي پنهنجي پاڻ کي ڻاهڻ ۽ خوشحال بنائڻ لاءِ استعمال ڪئي ته جئين ڪو دبئي آمريڪا جو ويزا ملي يا ڪو ڪارخانو فيڪٽري جو ذاتي مالڪ بنجڻ لاءِ استعمال ڪئي وڃي ته اها تعليم غلامي جو ڦندو ٿي قومن جي ڳچي ۾ پوندو آهي. آفريڪا جا ماڻهو جڏهن ڇپي ڇپي تي موزمبڪ جا ماڻهو انگولا جا ماڻهو سائوٿ ڏکڻ

آفريڪا جا ماڻهو پنهنجي آزادي جي جنگ وڙهي رهيا هئا تہ اتي تعليم عام نہ هئي تہ انهن جهنگن ٻيلن ۾ پنهنجي جدوجهد جي ڪئمپن ۾ پهرين پنهنجي ماڻهن کي پرائيوٽ اسڪول قائم ڪري انهن ۾ پڙهايو ۽ انهن کي ان جي اهل بنايو جو اهي ماڻهو آزادي جي غلامي جي فرق کي سمجهي پنهنجي قومي بقاءِ جي لاءِ آزادي جي جنگ ۾ نڪري آيا.

اسان وٽ پڙهيل لکيل ماڻهو يا ڊگري يافتہ ماڻهو جوعلم جي پنهنجي وطن جي لاءِ ڪار آمد ناهي تہ ان جهڙو ڪو جاهل ماڻهو ٿي نٿو ٿي سگهي، انڪري ضروري آهي تہ اسان جي تعليم، علم، هنر، عقل جيڪڏهن پنهنجي ڌرتي ۽ ماڻهن کي هنن غلامين ذلتن مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي ڪتب نٿو اچي تہ پوءِ ان جي ماءُ جي ٿڃ ۽ تعليم جو حق ملهائڻ جي اهل نہ بنجنداسين.

انقلابي آزادي رڳو مرڻ جو سرٽيفڪيٽ ناهي هوندو ڪو ماڻهو چوي تہ ادا فلاڻا ڊڄن ٿا، هٿياربند ويڙهہ نہ ٿا ڪن گوريلا جنگ کان ڀڄن ٿا تہ مرڻ ڪو مسئلو ناهي ڇو تہ اسان مان هر ڪو ماڻهو ڄاڻي ٿو تہ انسان ڄميو آهي هڪ ڏينهن ان کي مرڻو آهي نبي پيغمبر ولي درويش انقلابي ۽ سموري جيوت فاني آهي ان کي مرڻو آهي تہ پوءِ مرڻ ۽ بچڻ جو سوال ئي ناهي. مائيڪل جيڪسن بہ تہ جديد طبعي بنيادن تي ڪيپسول ٺهرايو ۽ ان کي ٻڌايو ويو تہ انهي ڪئپسول ۾ جيڪڏهن رهندو تہ بہ سئو سال جيئرو رهندو. نفاست سان هو ڪنهن سان هٿ نہ ملائيندو هو گلوب چاڙهي هٿ ملائيندو هو متان ڪنهن جو جراثيم لڳي وڃي، پر جڏهن هن جي مرڻ جو وقت آيو تہ هن کي ڪير بچائي نہ سگهيو تہ موت کان ڊڄڻو ناهي، پر ميار اها آهي تہ موت ڇا جي لاءِ اهي ماڻهو بہ تہ آهن جيڪي خودڪشيون ڪري مري وڃن ٿا.اهي ماڻهو بہ آهن جيڪي ڪچري جي ڍير تي هيروئن پيءُ مري وڃن ٿا، اهي ماڻهو بہ آهن جيڪي هيپٽائيس بي سي ۾ روز مرڻ پيا. تہ موت ڇا جي لاءِ آهي، جي موت وطن جي آزادي وقار ۽ خوشحالي لاءِ آهي تہ اهو موت

زندگي آهي پر جي موت ڪنهن بين الاقوامي سازش جي ايجنڊا، ڊالر، پائونڊ ۽ دولت جي حرص ۾ آهي تہ اهو موت ذلتن ڀريو موت آهي، منهنجو پختو ايمان آهي تہ اسان جيئڻ جي لاءِ وڙهون پيا ان جي لاءِ جدوجهد ڪريون پيا پر جيئڻ انفرادي نہ پر هن وطن ۽ قوم جي جياپي جي لاءِ آهي اسانجي جياپي جي جنگ ۾ جي موت ايندو تہ اسان ان موت کي ڪلي پليڪار چونداسين. جيڪڏهن ڪو ڊاڪٽر قادرمگسي کي موت جو طعنو هڻي ٿو تہ ڊاڪٽرقادر مگسي تہ موت ۾ ويندي ويندي اتان پنهنجي خدا ۽ ساٿين جي مدد سان حفاظت سان موٽي آيو آهي.

ڇا هندستان جي تحريڪ آزادي ۾ گانڌي جنهن زندگي ۾ ڪڏهن ڪنهن کي چماٽ هنئي ان هڪ دفعي ڪاوڙ ۾ پنهنجي زال کي ٿڦڙ هنيو تہ هن تي ڏينهن روزو رکيو تہ مون ۾ هي ڪاوڙ عضو ڪٿان آيو آهي هن نہ گوريلا ويڙهہ ڪئي نہ هٿياربند جدوجهد جي ڳالهہ ڪئي پر پنهنجي ڪردار ۽ سياست ڪان 35 ڪروڙ هندستانين کي گوري سامراج کان آزادي ڏياري تہ ڇا اهو بزدل هو يا اهو ڪامياب انقلابي فاتح هو جنهن پنهنجي قوم کي آزادي ڏياري اڄ جو مين آف مليئنيم نسلن منڊيلا جنهن جي تعظيم ۾ ( احترام) ۾ دنيا جي وڏن وڏن بتن جا ڪنڌ جهڪن ٿا اهو پنهنجي جواني ۾ بندوق بارود ۽ گولا ڪٽي ڪنهن گوري جو نالو هڏڻ جي لاءِ تيار نہ هو هر گهٽي گلي ۾ هن بم رکيا ان عمل مان گذري جڏهن هو عملي سياستَ ۾ آيو تہ هن چيو تہ جيترو حق ڏکڻ آفريڪا تي ڪارن جو آهي اوترو حق گورن جو آهي اسان هتي گڏجي زندگي گذاريندا سين، ۽ ان علم تشدد جو رستو ورتو. هڪ ماڻهو هڪ ووٽ ذريعي منزل ماڻي هن انقلابي ۽ پارلياماني سياست کي گڏ ڪري چيو تہ جيڪڏهن هڪ ڪارو هڪ ووٽ جو حق ڏنو ويندو تہ اسان گڏجي پنهنجي ڪارن جا حق وٺي ويندا سين. تہ پوءِ ڇا اڄ جو ڪو ڪوڙو نام نهاد انقلابي سڏائيندڙ چوي ٿو تہ اهو نسلن منڊيلا گورن جو ايجنٽ هو تہ اهو ميجي رنبو انقلاب آزادي هڪ ڪوڙهو نفيس ڪم آهي

چاهين ٿا. آزادي جو انمول سچاٽپ حيدرآباد جو ۽ ڪراچي جيڪا مائي ڪولاچي جو شهر آهي اهو ڪسڻ چاهين ٿا. اسان جون ساحلي پٽيون ڪسڻ چاهين ٿا. اسان کان اسان جا معدني وسيلا ڪوئلو, گئس تيل ڪسڻ چاهين ٿا. جيڪي هزارين سالن تائين سنڌ کي معاشي طور مستحڪم ڪري سگهن ٿا. ۽ پوءِ جيڪي ماٺ نائين زيرو ۽ الطاف حسين جا گيت ڳائن ٿا. سرٽيفڪيٽ ٿا ڏين تہ اهي سنڌ جا انمول پٽ آهن بي پاسي سنڌ جي آزادي جي پرفريب نعري ۾ اسان جا ڳڀرو پٽ ڪُهائيندا وتن ٿا. ۽ چون ٿا تہ اسين شهيدن جي وڏي قرباني ڏئي رهيا آهيون آئون انهي سڄي فلاسافي کي هن انقلاب ۽ آزادي جي رستي جي گمراهي وارو رستو سمجهان ٿو. ان لاءِ دشمن جو تعين ڪرڻ ضروري آهي, منهنجي سياسي مخالف عبدالواحد آريسر پنهنجي هڪ ڪتاب "چانڊوڪيون ۽ چيٽ" ۾ لکيو آهي تہ جڏهن ڄامشورو جي ڌرتي تي ڊاڪٽرقادر مگسي جو جسم گولين سان چلني هو ۽ سندس ڪڇ ۾ شهيد ڪمال راهمون جو لاش پيو هو تہ ڪجهہ ساٿي ان قاتل کي پڪڙي آيا ۽ ڊاڪٽرقادر مگسي کي چيو تہ اجازت ڏيو تہ هن کي گولي هڻون تہ ڊاڪٽرقادر مگسي چيو تہ هي هڪ سنڌي آهي مان نٿوچاهيان تہ شهيد ڪمال راهمون کان پوءِ وري ڪنهن بي ماءَ جي جهولي خالي ٿئي هن جيڪا غداري ڪئي اها هن کي بخش آهي. مون ان قاتل کي معاف ڪري ڇڏيو هڪ پاسي ڊاڪٽرقادرمگسي اهو هو بي پاسي ڊاڪٽر قادر مگسي اهو هو جيڪو شاگردي جي دور ۾ جڏهن سنڌ جي شهرن ۾ بيگناه سنڌين نياڻين جون عزتون لٽيون, نوجوان پٽن کي گولين جو کاڄ بنايو ويو تہ مون سنڌين کي سڏ ڏنو تہ اچو سنڌ جي سڏ کي ورنايون. اچو تہ دهشتگردي جو مقابلو ڪريون. اسان لاڙڪاڻي ۾ ڪنهن عام اردو ڳالهائيندڙ کي جهلي چماٽ نہ هنئي هئي, اسان نواب شاهہ سکر ۾ پڪڙي ڪنهن کي چماٽ نہ هئين هئي اسان چيوتہ جنگ جو ميدان حيدرآباد ۽ ڪراچي آهي جتي اسان دهشتگردن جو مقابلو ڪري سنڌ جي گهٽين مان

ڀڄايو جن وٽي لنڊن سائوٿ آفريڪا ۾ پناهون ورتيون. انهن دهشتگردن کي اسلام آباد جي رياست اقتدار ڏئي طاقتور بنائي ڇڏيو آهي ته اسان جا گمراه آزادي پسند انهن جا سلامي بڻيا بيٺا آهن.اسان کي سوچڻو پوندو هڪڙو پنجاب جيڪي وطن کي غلام بنايو ويٺا آهن. ٻيا هي دهشتگرد جيڪي هن ڌرتي کي ٽڪر ٽڪر ڪري جناح پور، مهاجرستان ٺاهڻ جون ڪوششن ۾ آهن پر اها انهن جي ڀل آهي اسان پنهنجي ڌرتي جو هڪ انچ به ڪنهن غنڊي دهشتگرد فاشسٽ کي ڏيڻ جي لاءِ تيار نه آهيون. اسان پنهنجي ڌرتي جي بقاءِ جي جنگ وڙهڻ جي لاءِ تيار آهيون اسان جو مقابلو پنجاب اسٽبليشمنٽ سان آهي ته به وڙهنداسين. جي اسان کي ايم ڪيو ايم جهڙي نسل پرست تنظيم سان وڙهڻو پيو ته به وڙهنداسين. جي سنڌ جو دلال جاگيردار سان وڙهڻو پيو ته ان سان وڙهنداسين. هن سنڌ ۾ پنج ڪروڙ غيرتمند انسان رهن ٿا جيڪي انهن سان مقابلو ڪندا. اسان کي يقين آهي. ته اسان سمورن کي گڏجي سنڌ جي وقار ۽ حق حاڪميت لاءِ جدوجهد ڪرڻي آهي انهي جنگ ۾ هڪ به غيرتمند سنڌي پوئتي نه هٽندو. ان لاءِ اسان کي تعليمي ادارن کي تعليم جو مورچو ٺاهڻو پوندو.

مون کي حيرانگي آهي ته سنڌ يونيورسٽي ۾ ۾ رات جي وقت جهڙوڪ ڪنهن ٻيلو هجي چوطرف اونداهي لڳي پئي آهي افسوس آهي اهڙي وائيس چانسلر تي ۽ يونيورسٽي جي انتظاميه تي جيڪي يونيورسٽي جي لاءِ ڪجھ نه پيا ڪن ۽ چون ٿا ته يونيورسٽي ۾ ڌاڙيل ۽ غنڊا ٿا رهن سنڌن ذاتي ريسٽ هائوس محل لڳا پيا آهن. ڇا سنڌ يونيورسٽي جا هي روڊ رستا اهڙين اوندهين ۾ محفوظ هوندا ڇا انهن رستن تان شاگرد بي خوف گهمي هلي سگهندا؟ ڇا اهي انهي خوف ۾ ورتل نه هوندا ته ڪو لوفر چور پستول ڏيکاري ڦر ڪري وٺي ڇا ڪا نياڻي اهڙن رستن تان ويندي خوفزده نه هوندي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر چوي ٿو ته اسان ٻاهر جا اسڪالر آهيون ڇا اهي جواب ڏين ته ٻاهر ملڪ جون يونيورسٽيون ائين ويران

ڏيندڙ هوندا سڄي سنڌ خوشحال براين ڪان پاڪ هوندي پڻ ويلن جي ماني لاءِ ڪو پريشان نہ هوندو ڪنهن ڪي ڪتاب قلم لاءِ ڇمڪ ڪاٽو نہ پوندو. ڪنهن افضل پنهور جي ماءُ ڪي پنهنجي جوان پٽ ڪي گولين سان پروٺ ٽيل لاش ڪي ڪلمو ڏيٺو نہ پوندو. اهڙي سنڌ اڏڻ جو خواب ڪٽي نڪتا آهيون جنهن جي لاءِ اوهان نوجوانن جي همٿن جرئتن عملي جدوجهد جي ضرورت آهي.

سنڌ زنده باد – انقلاب زنده باد۔ ايس ٽي پي زنده باد

(ستاف پاران سنڌ يونيورسٽي ۾ 3 نومبر 2013 تي منعقد ڪرايل جشن لطيف جي جلسي ڪي صدارتي خطاب)

■

# هن ڪتاب مان ڪنيل ڪجهه ٽُڪرا

سنڌ ترقي پسند پارٽي پنهنجي پوري شعور، ذميواري سان هن اڻ برابري ۽ غلامين واري سماج مان پاڻ کي ٻاهر ڪڍڻ جي لاءِ متحد ٿيڻو پوندو. اهو ڪم ڪنهن هڪ ماڻهو جي وس جي ڳالهه ناهي پران لاءِ اسان سمورن ساڃهه وند قوم جو درد فڪر رکندڙ ماڻهن کي متحد ٿيڻو پوندو.

**(ڊاڪٽر قادر مگسي)**

اسان پنهنجي ڌرتي سان قوم سان رشتو مظبوط ۽ آخري حل تائين وچڻ وارو آهي. اسان موت قبول ڪري سگهون ٿا پر ڪنهن جابر وڏيري، جاگيردار آڏو آڻ نٿا مڃي سگهون ڇو ته اسان پنهنجي سوچن خيالن ۽ شعور ۾ ايڏا واضع ۽ چِٽا آهيون جو اسان کي ڪو به جُهڪائي نٿو سگهي.

**(ڊاڪٽر قادر مگسي)**

هن سنڌ ۾ پنج ڪروڙ غيرتمند انسان رهن ٿا جيڪي انهن سان مقابلو ڪندا. اسان کي يقين آهي ته اسان سمورن کي گڏجي سنڌ جي وقار ۽ حق حاڪميت لاءِ جدوجهد ڪرڻي آهي انهي جنگ ۾ هڪ به غيرتمند سنڌي پوئتي نه هٽندو. ان لاءِ اسان کي تعليمي ادارن کي تعليم جو مورچو ٺاهڻو پوندو.

**(ڊاڪٽر قادر مگسي)**

Sahil Printers Hyd: 0333-2634650

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونتا ٻارَ<br>
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چانڊَ، سمجھهَ ۽ ڏاھپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪرِ پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَــنَ پَــنَ جو پـڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)